# سوشلزم چا آهي

## سيد رشيد احمد

ايڊيشن پهريون جون1976

قومي ڪتاب گهر فوجداري روڊ حيدرآباد


سوشلزم ڇا آهي؟

# موضوعن جو ڏسٽي

ٻه اکر
سوشلزم
سوشلزم جي اقتصاديات
انساني محنت جون امتيازي خصوصيتون
سرمائيداريءَ جو اقتصادي نظام
سرمائيدارانا استحصال ۽ ان کان اڳئين استحصال جي شڪل
سرمائيداريءَ جو هڪ هٿيءَ وارو دؤر - سامراج
سوشلسٽ فلسفو
جدليات جو اهم قانون
جدليات جا قانون
رياست جو نظريو
مزور طبقي جي تنظيم ۽ شعور

## ٻه اکر

سوشلزم ڇا آهي؟ جي چند اکرن بيان ڪجي ته ائين چئبو ته هيءُ نظام سرمائيداريءَ دور جي پيداواري رشتن ڪي غير منصفانه حدن ۾ آڻڻ ۽ سماجي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ بنجڻ ڪري انهيءَ نظام جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. هيءُ نظام، پيداوار، ورڇ ۽ مٽا سٽا جي ذريعن کي گڏيل ملڪيت بنائڻ جي اصول تي ڪم ڪندو ۽ هن نظام هيٺ هڪ انقلابي پارٽيءَ جي اڳواٽي ۾ سوشلزم کان به سماجي ۽ معاشي طور بهتر نظام يعني ڪميونزم کي حاصل ڪرڻ جي ڀرپور ۽ شعوري جدوجهد ڪئي ويندي. هن نظام کي حاصل ڪرڻ لاءِ باقاعدي هڪ تحريڪ جي ضرورت آهي جيڪا حالتن جو خارجي طرح، يعني جيئن اهي سچ پچ آهن، مطالعو ڪري ۽ پوءِ سائنسي نظريي ۽ طريقن ڍهندڙ نظام جي جاءِ تي نئون نظام آڻڻ لاءِ انقلاب ۽ انقلاب دوست قوتن کي متحد ۽ منظم ڪري.

جتي هيءُ طريقا هڪ انقلابي پارٽيءَ جو هٿيار آهن، اتي هيءُ انقلاب دشمنن جي هٿن ۾ به وڃن ٿا، ڇو جو هينئر ماڻهن کي پراڻن نظرين ۽ نعرن سان ٺڳي نٿو سگهجي. ان ڪري اقابر انقلاب دشمن محب وطنيءَ جي روپ ۾ هن نظريي جي طريقن، چالن ۽ خود نظريي جي اصلي محلي ۾ ڪا ڦيرڦار ڪري، تحريڪ جا ڦڦڙ ڪيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. سرحد ۾ مزور ڪسان پارٽيءَ جو ڪردار انهيءَ انقلاب دشمنيءَ جو کليل ثبوت آهي.

سنڌ ۾ به انهيءَ ساڳي انقلاب دشمنيءَ جو نانگ ڦوڪاري پيو. سنڌ ۾ هي رجحان اڻ سڌيءَ طرح مزور دشمني، قوي گڏيل پليٽ فارم کان انحراف ۽ صوبائي سطح تي سوچ ذريعي جمهوري جدوجهد کي روڪڻ ۾، لڪل آهي. هيءُ رجحان ڪوڙا ڪامريڊ ۽ نقلي ترقي پسندي جي نعري هيٺ ملڪ جي حالتن مطابق مارڪسزم لينن ازم جي قابل عمل صورت ۾ واٽ کي عوام کان پري رکي رهيو آهي.

هاري انقلاب جي نعري سان جتي مزورن ۽ شهري ماڻهن جي جمهوري جدوجهد ڪي هارين ڪان ڪٽيو پيو وجي اتي ڪي ماڻهو مزور انقلاب جي نعري ۾ هارين جي رول ڪي گهٽائي انقلاب جي راهه کوٽي ڪرڻ چاهين ٿا. ڪجهه ماڻهو انقلابي تحريڪ ڪي جدوجهد ڪان ڪٽي رڳو تبليغ ڪرڻ چاهين ٿا ۽ اهڙي طرح اهي نوجوان ٽراتسڪي ۽ ماؤن جلاس جي نالي تي فدا ٿي انقلاب ڪي وسڪيءَ جي گلاس ۾ ٻوڙي رهيا آهن. هنن سيني ننڍن وڏن گروپن ۽ فردن ڪي سمجهڻ ضروري آهي. ڇو جو نوجوان دوست جيڪي دل ٻه سماجي تبديليءَ لاءِ اٿاهه جذبا رکن ٿا، اهي بنيادي مارڪ سزم ڪان اڻ واقفيت ڪري ۽ پنهنجي خلوص ۽ جذبي جو شڪار ٿي، اهڙن گروپن جو شڪار ٿيو وڃن، جن جو مقصد هنن نوجوانن انقلابي ذهنن ڪي انقلابي سماجي تحريڪ ڪان الڳ رکڻ آهي.

اها پرپور اميد ڪجي ٿي ته هيءُ ڪتاب سوشلزم جي بنيادي اصولن جي صحي سمجهاڻي ڏيندو ۽ مارڪ سزم ۽ لينن ازم جي لاءِ ماڻهن ۾ موجود تصوراتي خيال صاف ڪندو اهي تصور جيڪي سوشلزم ڪي مذهبي اصولن ۾ ڳولڻ لاءِ مجبور ٿيا هئا.

# سوشلزم

## سوشلزم جي وصف

سوشلزم، مزور طبقي جو فلسفو آهي، جنهن سان مزور طبقو فطرت جي مظهرن (ڏيکن) ۽ سماج جي تاريخي نشونما جي خارجي قانونن ۽ ضابطن کي سمجهي سگهي ٿو ته جيئن هو ان فلسفي سان مسلح ٿي سماج کي تبديل ڪري سگهي. اهڙي نموني هي فلسفو نه فقط دنيا کي سمجهڻ ۾ مدد ڏيئي ٿو، پر هن کي ڦيرائڻ ۽ بدلائڻ ۾ به.

مزور طبقي جو فلسفو هئڻ جي باوجود سوشلزم کي مزورن ۾ ٻاهران پهچايو ويو آهي. يعني بورزوا مفڪرن هي فلسفو مزورن کي ڏنو. سوشلزم کي اسان مارڪسزم چئون ٿا ڇاڪاڻ ته ان جو سيني کان وڏو استاد ۽ اڳواڻ ڪارل مارڪس هو. اصل ۾ ڪارل مارڪس ۽ سندس ساٿي فريڊرڪ اينگلز، سوشلزم جي اصولن جا باني هئا. موجوده دور جي سوشلزم کي اسان مارڪسزم لينن ازم چئون ٿا. لينن ازم، سامراج ۽ پرول تاري انقلاب جي دؤر جو سوشلزم آهي. مارڪس ۽ اينگلز کان پوءِ مارڪسزم کان انحراف جو هڪ دؤر گذريو، جنهن ۾ ترميم پسندن ۽ ٻي انٽرنيشنل جي ليڊرن مارڪسزم جي شڪل خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ان خلاف جدوجهد ڪندي لينن تخليقي شان سان هڪ هٿيءَ ۽ مالياتي سرمايي (فنانس ڪيپيٽل) جي دؤر ۾ مارڪسزم کي ترقي ڏني. هي دؤر سوشلزم ۽ جمهوري انقلابن ۽ آزادي جي تحريڪن جي سيلابن جو دؤر هو.

## تخيلي ۽ سائنسي سوشلزم

ڪارل مارڪس کان اڳ ڪيترائي مفڪر گذريا آهن، جيڪي انسان ذات جا هڏڏوکي ۽ همدرد هئا ۽ جن ڳڻ ڳاٽين ماڻهن جي هٿان مزور طبقي جي استحصال ۽ تباهي کي محسوس ڪيو، جنهن ذريعي چند ماڻهو دولت ميڙيندا هئا ۽ باقي سڀ انسان سڃا رهندا هئا. سو هنن ڪيترائي منصوبا سوچيا ته جيئن هن بي انصافي جو خاتمو ڪري سگهجي. پر جيئن ته هو بنيادي طرح طبقاتي

جدوجهد، مزور طبقي جي ڪردار ۽ انقلاب جي خارجي قانون کان بي خبر هئا، ان لاءِ هو ڪو سائنسي ۽ جدلياتي نظريو تلاش نہ ڪري سگهيا. يقيناً هنن جا ارادا نيڪ هئا، پر هنن جا منصوبا پوري طرح داخلي، غير حقيقي، غير سائنسي ۽ يوٽوپيائي (خيالي Utopian) هئا ۽ ان ڪري انهن جي ڪاميابيءَ جي ڪا صورت نہ هئي. هنن تخيل پرست سوشلسٽن ۾ رابرٽ آون، سينٽ سائمن ۽ فوريئر خاص طور تي ذڪر جي قابل آهن.

هي يوٽوپين سوشلسٽ، مزور طبقي لاءِ ڪوبہ انقلابي فلسفو تلاش نہ ڪري سگهيا، جنهن سان استحصالي نظام کي سمجهيو ۽ بدلايو وڃي. تنهن هوندي بہ سوشلسٽ فڪر جي تاريخ ۾ هو هڪ نمايان عزت ڀريو مقام رکن ٿا، ڇاڪاڻ تہ هنن سيني کان پهرين سرمائيداري نظام جي پرزور مذمت ڪئي ۽ ان کي انسانيت لاءِ هڪ بيماري سڏيو. مزور طبقي جي استحصال ۽ اُجرتي غلاميءَ ۽ پيداواري اوزارن جي نجي ملڪيت جي نظام کي ننديو. اهڙي طرح هو پنهنجي وقت جا برک ڏاها هئا. پر ان تاريخي دؤر، جنهن ۾ هو هئا، هو ان کان وڌيڪ ڪجهہ نہ ڪري سگهيا. ان جو هڪ سبب هي هو تہ ان وقت جي سماجي ۽ اقتصادي بنياد تي سوشلزم جي روحاني ۽ ثقافتي ڍانچي کي تعمير ڪرڻ ممڪن نہ هو.

تخيل پرست سوشلسٽن نيڪ عزم ۽ ارادا رکندي هڪ مثالي سماج جوڙڻ گهريو ٿي، جيڪو هنن جي خيال ۾ سمجهڻ سمجهائڻ سان ٿي سگهيو ٿي. هنن جو خيال هو تہ سرمائيدار طبقو خود هنن جي غير استحصالي منصوبن کي اپڻائيندو. هنن ۾ رابرٽ آون جيڪو پاڻ هڪ مل جو مالڪ هو، مزورن جون ڪيتريون ئي ڪوآپريٽو سوسائٽيون ۽ مثالي بستيون وسايون، پر ظاهر آهي تہ سڀ منصوبا ناڪام ٿي ويا.

سوشلزم جا ماخذ

سوشلزم جا ماخذ هيٺيان آهن:

1) جرمني جو ڪلاسيڪي فلسفو: خاص طور تي هيگل جي جدليات ۽ فيورباخ جو مادي فلسفو.

2) فرانس جو سوشلزم ۽ انقلابي تحريڪون، خاص ڪري 1848ع جو انقلاب ۽ 1871ع جو پيرس ڪميون.

3) انگلينڊ جي ڪلاسيڪي اقتصاديات، خاص طرح رڪارڊو ۽ آدم اسمٿ جا افڪار ۽ هتي جي ٽريڊ يونين تحريڪ.

غير مارڪسي رجحان

مارڪس ۽ اينگلز کي پنهنجي دؤر ۾ ڪيترن ئي غلط رجحانن ۽ افڪارن جو مقابلو ڪرڻو پيو جيڪي مزور طبقي جي تحريڪ جي ٻاراٽي ۾ اندران پيدا ٿيا هئا، يا جيڪي مزور طبقي ۾ ٻاهران گهڙي آيا هئا. اصل ۾ سوشلزم جي نشونما ان قسم جي ساڄي ۽ کاٻي ڌر جي غلط رجحانن ۽ افڪارن خلاف هڪ زبردست جدوجهد ذريعي ٿي. انهن مان ڪجهه غير مارڪسي رجحانن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

## بلانڪي ازم:

بلانڪي، فرانس جي مزور طبقي جو ليڊر هو، جنهن فرانس جي 1848ع واري انقلاب ۽ خاص طور تي پيرس ڪميون ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو. بلانڪي، مزور طبقي جي آمريت ۽ هڪ ميڪانڪي برابريءَ جي تصور جو قائل هو. هو مسلح جدوجهد کان سواءِ ٻئي ڪنهن به طريقي ڪار کي نه مڃندو هو. ۽ نه ئي اقتصادي ۽ سياسي سڌارن يا جزوي جدوجهد کي تسليم ڪندو هو. هو ڪنهن مضبوط سياسي يا اقتصادي تنظيم جو به قائل نه هو. ۽ نه مزور طبقي جي جزوي مطالبن تي روزمره جي ننڍي وڏي جدوجهد کي تسليم ڪندو هو. بلانڪي ازم، اصل ۾ مارڪسزم خلاف هڪ کاٻي پاسي جو انڪار هو.

## پروڌون ازم:

پروڌون موجوده نراجيت (انارڪزم) جو باني تصور ڪيو وڃي ٿو. پروڌون، فرانس جو مفڪر هو، جيڪو پيدا ڪندڙن ۽ استعمال ڪندڙن (صارفين) جون انجمنون وڏي پيماني تي ناهڻ گهرندو هو. هن جو خيال هو ته اهي سوسائٽيون، اهي انجمنون ڦهلجي سرمائيداري نظام جي جاءِ ونديون. هو سمجهندو هو ته هي

ڪو آپريٽو سوسائٽيون. عوامي بئنڪن کان لامحدود قرض حاصل ڪري سگهنديون ۽ پوري فرانس بلڪ دنيا کي خريد ڪري سگهنديون. پروڌون چوندو هو ته نجي ملڪيت چوري آهي، پر نجي ملڪيت مان مراد صرف سرمائيداري جي ملڪيت هئي؛ جڏهن ته هو ننڍن سرمائيدارن جي ملڪيت کي جائز قرار ڏيندو هو. پروڌون جو خيال هو ته هن جي امداد باهمي جون انجمنون نه صرف سرمائيداري، پر رياست جو به خاتمو ڪري ڇڏينديون.

پروڌون، نظريي ۽ عمل ۾ طبقاتي جدوجهد جو مخالف هو. هن جي خيال ۾ ٽريڊ يونين ۾ اقتصادي مطالبن ۽ بهتر ليبر قانون لاءِ جدوجهد ڪرڻ هرويرو آهي. هو سياسي جماعتن ٺاهڻ جي به خلاف هو. رياست جي باري ۾ سندس سوچ هي هئي ته ان کي ڪڏهن به جمهوري بڻائي نٿو سگهجي، پر درجي بدرجي امداد باهمي جي انجمنن کي ڦهلائي ختم ڪري سگهجي ٿو. پروڌون جي خيال ۾ انقلاب جو دؤر ختم ٿي چڪو آهي، پر 1848ع جي انقلاب سندس نظريي جا باڙدانا ڪڍي ڇڏيا. پروڌون جو نظريو اصل ۾ هڪ ادنيٰ سرمائيدارانا نظريو هو، جيڪو گهٽي قدر خيال پرست فوريئر جي تصور تي ٻڌل هو. هن جي نظريي ۾ سرمائيداري نظام خلاف جدوجهد کان فرار جو رنگ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ۽ اهڙي طرح هي هڪ بزدلي وارو نظريو به هو. پروڌون، پنهنجي نظريي کي ”انارڪي“ جو نالو ڏيندو هو. ڪارل مارڪس کي هن جي خلاف سخت جدوجهد ڪرڻي پيئي. ان لاءِ مارڪس، هن جي ڪتاب ”غربت جو فلسفو“ خلاف پنهنجو مشهور ڪتاب ”فلسفي جي غربت“ لکيو، جنهن ۾ پروڌون جي مٿئين نظريي جي پاڙ پٽي اٿس.

## لازيل ازم (Lassalleism):

لازيل، جرمنيءَ جو مفڪر هو، جنهن جرمني ۾ جمهوريت جي جدوجهد ۾ مارڪس ۽ اينگلز جو ساٿ ڏنو، پر سوشلسٽ تصور جي معاملي ۾ هو مارڪس ۽ اينگلز جو ڪٽر مخالف ثابت ٿيو. لازيل، هي نظريو پيش ڪيو ته چئني پاسي مزورن جون امداد باهمي انجمنون قائم ڪيون وڃن جيڪي سرمائيداري نظام جي جاءِ وٺن. ايستائين ته هن جا خيال پروڌون سان ملن ٿا، پر اڳتي هلي هن

پروڌون جي نسبت ۾ وڌيڪ رجعت پسند افڪار پيش ڪيا. هن جو خيال هو تہ هي امداد باهمي جون انجمنون حڪومت جي امداد سان هلن. ان امداد حاصل ڪرڻ لاءِ هن مزورن کي راءِ ڏيڻ جي حق جو مطالبو ڪيو. هن وٽ: جيڪڏهن عام مزدور کي راءِ ڏيڻ جو حق ملي وڃي ٿو تہ هو پارليامينٽ ۾ پنهنجا نوي سيڪڙو نمائندا چونڊائي سگهن ٿا. اهڙي نموني سرمائيداري خلاف سندن نظريو نج پارليامينٽري سڌارا پسند ۽ رجعت پسند هو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هن جرمن مزورن کي ڊگهي ۽ گهري ننڊ مان سجاڳ ڪيو، پر هو سياسي ۽ اقتصادي مطالبن لاءِ هر قسم جي مليل هٿيار ذريعي مزور طبقي جي جدوجهد خلاف هو. هو پنهنجي سياسي چالن ۾ ايستائين ڪري پيو جو هن پنهنجي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ جرمن چانسلر بسمارڪ سان ناهہ ڪيو.

لازيل، ٽريڊ يونين تحريڪ ۽ هڙتالن جي خلاف هو. هو اُجرت جي فولادي قانون جو پوئلڳ هو. هن جو خيال هو تہ مزور صفا ڪريل اقتصادي سطح کان مٿي نٿو اڃي سگهي ۽ جيڪڏهن سندس اُجرت وڌائي ويئي تہ هنن جو معيار زندگي ڪري پوندو. لازيل ازم، هڪ ادنيٰ سرمائيدارانا فلسفو هو. ان لاءِ مارڪس ۽ اينگلز مزورن جي بين الاقوامي انجمن جي اندر ۽ ٻاهر هن جي خلاف صف آرا رهيا. ٽريڊ يونين کي محدود ڄاڻندي بہ مارڪس ان تحريڪ جي پرزور حمايت ڪئي، ڇاڪاڻ تہ مارڪس ڄاتو ٿي تہ ٽريڊ يونين، مزور لاءِ سوشلزم جي بهترين تربيت گاهہ آهي. مارڪس اينگلز لازيل ازم، سمجهوتي بازي ۽ ادنيٰ سرمائيدارانا رخ جي بہ پرزور مذمت ڪئي.

## بيڪونن ازم:

بيڪونن هڪ روسي دانشور هو، جيڪو پروڌون جو دوست ۽ شاگرد هو. سندس نراجيت واري فلسفي جو پڪو معتقد هو. بيڪونن کي موجوده انارڪو سينڊيڪلزم جو باني سمجهيو وڃي ٿو. اهڙي نموني هو پروڌون وانگر پيدا ڪندڙن ۽ استعمال ڪندڙن (صارفين) جي امداد باهمي انجمنن جو حامي هو. پر ان کان سواءِ هي بہ چاهيندو هو تہ باغيانہ حملي ذريعي رياست کي منظم ڪجي.

بيڪونن ڪي ڪوبہ طبقاتي تصور نہ هو. هو نہ تہ رياست ڪي مڃندو هو ۽ نہ مذهب ڪي ۽ نہ ئي هو مزور طبقي جي تنظيم جو قائل هو. هو سياسي سڌارن ۽ جمهوريت ڪي سخت ناپسند ڪندو هو. هو ٽريڊ يونين تحريڪ ڪي مڃندو تہ ضرور هو، پر ونس ٽريڊ يونين جو مقصد صرف بغاوت هئي.
بيڪونن وٽ انقلاب هڪ تمام سادو معاملو هو. سندس خيال هو تہ غريب هميشه بغاوت لاءِ تيار رهن ٿا. هو نہ مزور طبقي جي قيادت جو قائل هو ۽ نہ هن جي آمريت جو. اقتصادي مطالبن لاءِ مزورن جي جدوجهد کي هو وڏي اهميت نہ ڏيندو هو. هو لامذهبيت کي مزدور طبقي جي اتحاد جو هٿيار سمجهندو هو.
بيڪونن ازم پنهنجي طبقي کان انڪاري، ننڍن سرمائيدارن، هارين ۽ يورپ جي ڏتڙيل ملڪن جي مزورن جو فلسفو هو، جتي سرمائيداري وارا جمهوري سڌارا نہ ٿي سگهيا هئا ۽ جتي اجا ڪيٿولڪ ڪليسا جو ڏاڍ وارو راڄ هو. ظاهر آهي تہ مارڪس ۽ اينگلز کي ان نموني جي ادنيٰ سرمائيدارانا نراجيت سان هڪ عظيم جنگ وڙهڻي پيئي.

# سوشلزم جي اقتصاديات

اهڙي طرح تخيلي ۽ غير مارڪسي سوشلسٽ فڪر جو مختصر جائزي وٺڻ کان پوءِ اسان سوشلزم جي بنيادي اصولن ڏانهن اچون ٿا. سوشلزم جي بنيادي اصولن مان سياسي معيشت جو مطالعو نهايت اهم آهي. سياسي معيشت مان اسان جي مراد، پيداوار جي سماجي پهلوئن جو مطالعو آهي.

## پيداوار

سوال هي آهي ته پيداوار ڇا آهي؟ اسان سڀ اهو ڄاڻون ٿا ته انسان کي جيئري رهڻ لاءِ ڪيترن ئي شين جي ضرورت پوي ٿي. ضرورتن جي پورائي لاءِ انسانن کي خود شيون پيدا ڪرڻيون پون ٿيون ۽ انهيءَ پيداواري عمل سان هو پنهنجي سماجي زندگي شروع ڪري ٿو. اهڙي طرح پيداوار اُهو محنت جو عمل آهي جنهن جو مقصد اُهي سڀ مادي شيون پيدا ڪرڻ آهي. جيڪي انساني زندگيءَ لاءِ ضروري آهن. سوشلزم جي فڪر مطابق اهو محنت جو عمل انفرادي طرح ممڪن نه آهي، پر هي هڪ سماجي عمل آهي. جيئن ته شروعاتي دؤر ۾ فطرت پنهنجي خزانن کي لڪائي ويٺي هئي، جيڪي هو آسانيءَ سان انسان کي ڏيڻ لاءِ تيار نه هئي. هنن لڪل خزانن کي حاصل ڪرڻ لاءِ پيداواري عمل انسان لاءِ ضروري هو. هو فطرت کي تسخير ڪرڻ لاءِ اڪيلو ڪافي نه هو ۽ بلڪل بي وس هو. ان ڪري انسانن لاءِ گڏجي ان عمل کي هڪ سماجي عمل بنائڻ ضروري هو. اهڙي نموني هي ڳالهه چٽي ٿي ته پيداوار جو عمل سڄي سماجي زندگي جو بنياد آهي يعني سماج انهيءَ پيداواري عمل لاءِ قائم ڪيو ويو ۽ هي به ته: ڪوبه سماج يا معاشرو بنا پيداواري عمل جي قائم نٿو رهي سگهي.

## پيداوار جا بنيادي عنصر

پيداوار جا بنيادي عنصر هيٺيان آهن: (1) انساني محنت (2) محنت جو موضوع (3) محنت جا وسيلا.

(1) انساني محنت: انسانن جو گڏيل تخليقي ۽ بامقصد عمل، محنت سڏجي ٿو. هي عمل فطرت جي خلاف انسانن جي جدوجهد جو مظهر آهي. ۽ ان لاءِ هر قسم

جي سماجي زندگي ۾ انساني محنت اهڙي طرح شامل آهي جيئن ترار ۾ جوهر يعني انساني محنت کان سواءِ ڪنهن به معاشري جو وجود ممڪن نه آهي.
(2) محنت جو موضوع: اُهي سيئي شيون، جن تي انساني محنت ٿي هجي محنت جو موضوع سڏجن ٿيون. هي شيون ٻن نمونن جون ٿي سگهن ٿيون، يعني نج فطري شيون جهڙوڪ: پٿر، ڪاٺ، ٽامو، لوهه وغيره؛ يا اُهي شيون جن تي ڪجهه انساني محنت جو عمل ٿي چڪو هجي. مثلاً: اُهو لوهه، جيڪو کاڻ مان حاصل ٿيو هجي يعني ڪچو لوهه. جا هڪ فطري شئي آهي جنهن کي اسان ’ڪچو مال‘ چئون ٿا. جڏهن لوهه کي پگھاري صاف ڪريون ٿا ته ڪچو لوهه نٿو رهي، پر هو انساني محنت ۽ ڪاريگري سان هڪ سٽريل شڪل اختيار ڪيو وڃي، جنهن تي پيداوار دوران وڌيڪ محنت ذريعي ان مان مختلف شيون تيار ڪيون وڃن ٿيون. جيئن جيئن صنعتي ۽ فني ترقي ٿئي ٿي، فطرت جون شيون انهيءَ تيزي سان ڪچي مال مان تبديل ٿي پيداوار لاءِ هڪ وچين شڪل اختيار ڪنديون وڃن. بهرحال اِهي ٻنهي قسمن جون شيون، محنت جو موضوع سڏجن ٿيون يعني ڪچو مال ۽ نيم صنعتي سامان.
(3) محنت جا وسيلا: محنت جا وسيلا اُهي سڀ شيون آهن جن جي مدد سان يا جن جي ذريعي انسان، محنت جي موضوع تي عمل ڪري ٿو. مثلاً زمين، عمارت، واهه، رستو کاڻ وغيره، پر هنن محنت جي وسيلن ۾ محنت جا اوزار سيني کان وڌيڪ اهم آهن. مجموعي طرح اُهي سڀ مادي حالتون جيڪي پيداوار جي عمل لاءِ ضروري آهن انهن کي محنت جي وسيلن ۾ ڳڻيو ويندو آهي.

## پيداواري وسيلا

محنت جي وسيلن ۽ محنت جي موضوع جو مجموعو پيداواري وسيلا سڏجن ٿا. پيداواري وسيلن بابت هي ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته جيستائين زنده انساني محنت، انهن کي چرپر ۾ نه آڻي تيستائين اهي غير متحرڪ ۽ جامد رهن ٿا. فرض ڪريو ته هڪ ڪارخاني ۾ مشينون به آهن، ڪچو مال به آهي، عمارت به آهي ۽ پيدا ڪرڻ لاءِ گهربل سمورو سامان به موجود آهي، پر اهو ڪارخانو

ايستائين ڪا شئي بہ پيدا نٿو ڪري سگهي جيستائين انساني هٿ انهن پيداواري وسيلن کي زندگي نہ بخشين.

# انساني محنت جون امتيازي خصوصيتون

محنت، انسان ۽ صرف انسان جو شعوري عمل آهي. ان ڪري جو جانور محنت نٿا ڪري سگهن، پر هنن جو عمل صرف جبلت جو محتاج آهي. اهڙي طرح محنت نج انساني خصوصيت آهي. انساني محنت جون خصوصيتون هيٺيون آهن:

(1) هيءُ هڪ بامقصد عمل آهي.

(2) ان جو لاڳاپو محنت جي اوزارن جي پيداوار سان آهي. اصل ۾ محنت ۽ محنت جي اوزارن جي تخليق هڪ ٻئي لاءِ لازم ملزوم آهن. ان ڪري انسان جي سڀ کان پهرين شعوري محنت، ان دور جي لحاظ کان ڪاٺ جا ڏنڊا ۽ پٿر جا پري مارڪنڌڙ اوزار هئا (ته جيئن هنن سان جهنگلي جانورن جو شڪار ڪري سگهجي.) جڻ ته سيني کان پهريائين پيداوار جا اوزار هئا، جن جي مدد سان شروعاتي انسانن، پيداواري عمل يعني جهنگلي جانورن جو شڪار ڪيو. اسان مٿي ڏسي آيا آهيون ته اوزارن جو استعمال انسان جو امتيازي اهجاڻ آهي جيتوڻيڪ جانور مثلاً چمپينزي (Chimpanzee) يا گوريلو وغيره ڏنڊي يا پٿر جو استعمال ڪيو وڃن، پر هو ائين يا ته جبلت جي سهاري ڪن ٿا يا تربيت جي ڪري. ۽ پوءِ به هو نهايت معمولي اوزار (ڏنڊي ۽ پٿر) جي استعمال کان اڳتي نٿا وڌي سگهن.

## انسان جي ارتقا ۾ محنت جو ڪردار

انساني محنت، زندگي جو سڀ کان پهريون لاڳاپو آهي، يعني محنت کان سواءِ ڪابہ انساني زندگي ممڪن ئي ناهي. سچ پچ ته محنت، انسان کي پيدا ڪيو. انسان اوزار ٺاهيا ته جيئن انهن جي ذريعي بامقصد محنت ڪري سگهجي. انهيءَ اوزارن ۽ هٿيارن ناهڻ جي عمل، انسان کي جانورن کان مٿاهون ۽ ممتاز ڪيو. جيڪڏهن غور ڪيو وڃي ته معلوم ٿيندو ته حيوان جي شڪل کان انسان جي ارتقا، محنت ۽ ڪلام (ڳالهائڻ) تي ٻڌل آهي. انساني هٿ رڳو محنت سان

وجود ۾ آيا، نہ تہ اهي جانورن جا اڳيان بيرئي بڻيا رهن ٿا. اهڙي نموني انساني هٿ نہ صرف محنت جو، پر محنت جي پيداوار ۾ بہ وسيلو بڻيا. اهائي ڪيفيت انسان جي ڳالهائڻ وارن عضون جي بہ آهي. مثلاً ڪاڌي، زبان وغيره. ان نموني سيني ڪان پهرين محنت ۽ ان ڪان پوءِ ڳالهائڻ هي بہ خاص حرڪتون (چرپر) هيون، جنهن جي اثر ڪري اينٿراپائڊ (Anthrapoid)باندر جو دماغ بتدريج انساني دماغ بنجي ويو. انسان ۽ حيوان ۾ بنيادي فرق ڪهڙو آهي؟ اهوئي تہ: (1) انسان، اوزار ٺاهي ٿو، جڏهن تہ جانور وڌ ۾ وڌ انهن جو استعمال ئي ڪري ٿو. (2) انسان پنهنجي شعوري ۽ بامقصد محنت ذريعي فطرت ڪان پنهنجو رزق حاصل ڪري ٿو ۽ ان عمل ۾ فطرت کي تبديل ڪيو ڇڏي، جڏهن تہ جانور صرف فطرت جي ان شيءِ کي تلاش ڪري ٿو ۽ وني ٿو جيڪا تيار ٿيل حالت ۾ کيس ملي سگهي ٿي.

## سماج ۾ محنت جو درجو

هي ڇٺو آهي تہ فطرت پاڻ رزق يا حياتيءَ جي سامان جي تخليق نٿي ڪري، جيستائين انسان ان ۾ شامل ٿي پنهنجي محنت سان انهن شين کي پيدا نہ ڪري. اهڙي طرح جانور تہ وڌ ۾ وڌ زندگيءَ جي ضرورتن کي گڏ ڪري سگهن ٿا جڏهن تہ انسان انهن کي پيدا ڪري ٿو. اهڙي نموني تخليق يا پيداوار، انسان جو مکيہ تاريخي عمل آهي جنهن جي ذريعي هو پنهنجا عمل ٻين شعبن ۽ پنهنجي ٻين سرگرمين لاءِ مادي بنياد فراهم ڪري ٿو. محنت، پنهنجي پيداواري (تخليقي) عمل سان کي خاص سماجي رشتا وجود ۾ آڻي ٿي. تنهن ڪري محنت جو عمل انسانن کي سماجي مجموعن جي شڪل ۾ متحد ڪري ٿو، جن جي هڪ خاص شڪل ۽ ڪردار ٿئي ٿو. اهڙي محنت، سماج يا معاشري جو بنياد آهي.

## محنت جا قسم

محنت جا ٽي قسم آهن: (1) اُها محنت جيڪا ڪنهن پيداواري عمل تي سنئين سڌي خرچ ڪئي وڃي ان کي سڌي محنت (Direct — Living Labour)چون ٿا. (2) اُها محنت جيڪا ڪنهن شيءِ جي پيداوار کان اڳ پيداواري اوزارن جي ناهڻ تي خرچ ڪئي وڃي ان کي جمع ٿيل محنت(Accumulated Materialised Labour) چون ٿا. (3) اُها محنت جيڪا پيداواري عمل کان اڳ، ناهيندڙ جي تربيت ۽ صلاحيت تي خرچ ڪئي وڃي. ان کي تمهيدي محنت (Preparatory Labour) چون ٿا.

پيداواري عمل جيترو ڏکيو ۽ ڳتيل هوندو ان لاءِ هن قسم جي محنت اوتري ئي وڌيڪ هوندي.

## پيداوار جي ترقي

پيداوار جي ترقيءَ جو مطلب آهي، محنت ۾ پيداواري صلاحيت ۾ پيدا ڪيل سامان جي معيار ۾ اضافو، جيڪو محنت جي وقت جي هڪ ايڪي ۾ حاصل ڪجي. جيئن جيئن پيداوار ترقي ڪري ٿي تيئن هر پيداواري يونٽ (ايڪي) ۾ خرچ ٿيندڙ محنت جو وقت گهٽجندو وڃي ٿو ۽ سڌي محنت يا زنده محنت جو تناسب به ان ۾ گهٽندو وڃي ٿو جڏهن تہ جمع ٿيل محنت جو تناسب ساڳئي انداز سان وڌندو وڃي ٿو. ليڪن انهي ساري گهاتي واڌي ۾ محنت جو مجموعي مقدار بهرحال گهٽجيو وڃي.

## محنت جي ورهاست

پيداوار جي شروعاتي ڏاڪن ۾ محنت جي ورهاست نهايت سادي ۽ فطري هئي. مثلاً عمر ۽ جنس مطابق ڪم جي ورهاست. پر فني ۽ ٽيڪنيڪي ترقي کان پوءِ محنت جي ورهاست وڌيڪ ڳتيل ٿي ويئي ۽ ان جو عمر ۽ جنس وغيره سان ڪو تعلق نہ رهيو. هاڻي جيڪا محنت جي ورهاست ڪئي ويئي اُها پيداوار جي مختلف شاخن ۾ آهي. مثلاً زراعت، چوپايو مال پالڻ، صنعت وغيره وچ ۾ ۽ ان کان پوءِ اِهائي صنعت شاخ در شاخ وچ ۾ ڪاتي وار ٿيندي ويئي.

# پيداواري قوتون

پيداواري وسيلن ۽ محنت جي طاقت جو مجموعو، پيداواري طاقتن جي شڪل اختيار ڪري ٿو. محنت جي طاقت جو مطلب آهي انسان جي ڪم جي صلاحيت. هيءَ انسان جي جسماني ۽ ذهني گڏن جو ميڙ آهي، جنهن وسيلي هن ۾ ڪم ڪرڻ جي اهليت پيدا ٿئي ٿي. اهليت ۾ پيداواري مهارت (هنر Skill) به شامل ٿئي ٿي.

پيداواري وسيلن يعني حالت ۽ ٽيڪنيڪ جي نشونما سان گڏوگڏ ماڻهو جي محنت جي طاقت ۽ هنرمندي ۾ به اضافو ٿئي ٿو. اهڙي نموني پيداواري قوتن جي ترقي مان اهو ظاهر ٿو ٿئي ته انسان، فطرت تي ڪيتري قدر قبضو ڄمايو آهي.

بهرحال، انسان خود يعني سنئون سڌو پيدا ڪندڙن جو طبقو معاشري ۾ بنيادي پيداواري قوت آهي.

# پيداواري ناتا

مٿي ڏنوسين ته پيداوار پنهنجو پاڻ ئي هڪ سماجي عمل آهي، جنهن ڪي ڪوبه ماڻهو اڪيلي سر نياهي نٿو سگهي، پنهنجن شروعاتي ڏينهن ۾ به انسان، پيداوار جي غرض سان مختلف گروهن ۾ گڏ ٿي ويندو هو. ان ڪري جو هو پنهنجي گهٽ درجي وارن ۽ سادن هٿيارن سان خطرناڪ جانورن ۽ جهنگلن جو مقابلو ڪري نه سگهندو هو.

پيداواري عمل ۾ ماڻهو هڪ ٻئي سان ۽ پيداواري وسيلن سان به ڄٽا ۽ خاص سماجي لاڳاپا قائم ڪندا هئا جنهن ڪي پيداواري ناتا چئجي ٿو. هر نظام ۾ پيداوار ڪي هڪ بنيادي درجو حاصل ٿئي ٿو جنهن سببان پيداواري ناتا يعني طبقن جو پاڻ ۾ لاڳاپو ۽ انهن لاڳاپن لاءِ سڀ پهلو سماج جو اقتصادي ڍانچو قائم ڪن ٿا. جنهن تي قانوني، سياسي، اخلاقي، جمالياتي ۽ ٻيون سماجي

عمارتون ڪڙيون ٿين ٿيون. ان ڪري اقتصادي ڍانچو پيداواري ناتن جي نظام سان ڳنڍيل آهي جيڪي سماج ۾ رائج هوندا آهن.

## پيداواري قوتن ۽ پيداواري ناتن جو پاڻ ۾ لاڳاپو

سماجي ناتا پيداواري قوتن جي نشونما جي بنياد تي پيدا ٿين ٿا تہ ساڳئي وقت پيداواري ناتا پيداواري قوتن کي ترقي بہ وٺرائين ٿا. پر ڪجهہ عرصي بعد هي ناتا بيڪار ٿي وڃن ٿا ۽ پيداواري قوتن جي وڌيڪ ترقي ۽ واڌاري لاءِ رنڊڪ بڻجيو پون. اهڙي موقعي تي ان جي جاءِ تي ٻيا ناتا قائم ٿيڻ گهرجن جيڪي پيداواري قوتن جي وڌيڪ ترقي ۾ مددگار ۽ معاون ثابت ٿين. اهو ائين ٿئي ٿو تہ سماجي ناتن کي هڪ مٿاهين سطح تي آڻي انهن کي پيداواري قوتن جي نشوونما جي بلند سطح جي برابر ڪيو وڃي ٿو.

## پيداوار جو طريقو

پيداواري قوتن ۽ پيداواري ناتن جو مجموعو (ميڙ) پيداوار جو طريقو سڏجي ٿو.

استحصال جو بنياد

انسان جي هٿان استحصال ڪيئن ٿئي ٿو ۽ ان جو مطلب ڇا آهي؟
ان جو سادو مطلب هي آهي تہ هڪ انسان ٻئي انسان جي محنت تي زنده رهي.
موجوده دؤر ۾ پورهيت جي محنت جي پيداوار جو اُهو حصو ڇڏي، جيڪو سندس معمولي زندگيءَ لاءِ ضروري هجي باقي جيڪو بچي ٿو اُهو استحصال ڪندڙن جي بنا ڪمايل آمدني آهي.
ڇا انسانيت جي تاريخ ۾ استحصال هميشہ کان هلندو اچي؟ سرمائيدار مفڪر ائين ئي چون ٿا. پر اِهو بہ اضافو ڪن ٿا تہ نہ صرف استحصال هميشہ کان آهي، پر هميشه رهندو. جيتوڻيڪ تاريخي طور تي هي نظريو بي بنياد آهي. انسان جي ابتدائي معاشري ۾ ڪوبہ استحصال نہ هو ڇاڪاڻ تہ ان وقت انساني محنت جا

وسيلا ايترا طاقتور نہ هئا جو محنت ڪندڙ پنهنجي گهرجن ڪان وڌيڪ پيدا ڪري سگهي. استحصال ان وقت پيدا ٿيو جڏهن گڏيل محنت ايڏي طاقتور ۽ اثرائتي ٿي ويئي جو محنت ڪندڙ پنهنجي زندگي جي ضرورتن ڪان وڌيڪ پيدا ڪرڻ لڳو. ان وقت ابتدائي ۽ تاريخ ڪان اڳ جو معاشرو ٽٽي ويو ۽ انساني معاشري جي تاريخ، طبقاتي ۽ استحصالي دؤر ۾ داخل ٿي.

## پيداواري طريقي ۾ تبديلي

پيداوري طريقو سماج جي پيداواري قوتن جي ترقي سان گڏ بدلبا رهن ٿا. جڏهن پيداواري قوتن ۾ تبديلي اچي ٿي تہ پراڻي پيداواري طريقي جي جاءِ تي هڪ نئون طريقو وجود ۾ اچي ٿو. مثال طور، انسان جي ابتدائي معاشري ۾ پيداواري قوتون پنهنجي تمام گهٽ سطح تي هيون تنهن ڪري پيداواري عمل بہ بي شڪل قسم جي هٿيارن سان جهنگلي جانورن جي شڪار تائين محدود هو ۽ ان ڪري معاشري ۾ ابتدائي اشتراڪيت جو نظام رائج هو. پر زراعت ۽ چوپايو مال پالڻ جي نشونما سان غلامي جو دؤر آيو. اهڙي طرح پٿر جي هٿيارن جي جاءِ تي ڌاتن جي هٿيارن ورتي، تنهنڪري صنعت، حرفت ۽ زراعت ۾ ترقي ٿي. پر جڏهن ان دور ۾ پابند قسم جي غلامانہ محنت، پيداواري قوتن جي ترقي ۾ رڪاوٽ بڻجي رهي هئي ان ڪري جاگيرداري نظام وجود ۾ آيو. هڪ محڪوم هاري، غلام جي ڀيٽ ۾ محنت جي ڦل ۾ وڌيڪ دلچسپي رکندو هو. جاگيرداري واري دور جي آخر ۾ جنسن جي مٽاسٽا ۽ ٻاهريون واپار وڌڻ شروع ٿيو، پر جنس جي مٽاسٽا ۽ واپار جي راهہ ۾ جاگيرداراڻا پيداواري طريقا هڪ رنڊڪ هئي، انڪري سرمائيداري وجود ۾ آئي.

سرمائيداريءَ: پيداواري قوتن ۾ بي مثال ۽ عظيم اضافو ڪيو، پر وقت گذرڻ سان هيءُ نظام بہ معيشت لاءِ رڪاوٽ بڻجي ويو.

اهڙي نموني سماجي نشونما هميشه اڳتي ڏانهن هڪ قدم آهي. پر سماجي ۽ اقتصادي شڪل، انسان طرفان فطرت کي زير ڪرڻ جي عمل ۾ هڪ اونچي سطح جو دليل آهي. سماج پستي ڪان بلندي ڏانهن هلي ٿو. تنهن ڪري

سرمائيداريءَ پنهنجو تاريخي مشن پورو ڪري ورتو آهي ۽ هاڻي ڪيس پاڻ کان وڌيڪ بهتر نظام لاءِ پنهنجي جاءِ خالي ڪرڻي آهي ۽ اُهو نظام آهي سوشلزم.

# سياسي معيشت

سياسي معيشت جي وصف پهرين ڏني اٿئون. هاڻ وڌيڪ تفصيل سان ڏسي اسان اهو چئي سگهون ٿا ته سياسي معيشت سرمائيداري سماج جي اقتصادي نشونما جي قانونن جو انڪشاف آهي. جنهن ذريعي چٽيءَ طرح سان سائنسي نقط نظر کان ثابت ٿي وڃي ٿو ته سرمائيداري جو زوال ۽ سوشلزم جي ڪاميابي اڻ ٽر آهن.

## اقتصادي اصول

اُهي اقتصادي مظهر جن جو تعلق سياسي معيشت سان آهي جڏهن عام طرح مطالعي هيٺ اچن ٿا. انهن کي اقتصادي اصول چيو وڃي ٿو. دراصل اقتصادي اصول، پيداواري ناتن جو نظرياتي اظهار ٿين ٿا. مثلاً سرمائي کي وٺو. سرمايو هڪ پيداواري وسيلو آهي، پر خاص سماجي ناتن هيٺ اُهو سرمايو، سرمائيداري نظام بنجيو وڃي. اصل ۾ سرمايو هڪ سماجي ناتي جو نالو آهي جنهن جو تعلق شين سان ضرور آهي، پر خود هو ڪا شيءِ نه آهي، پر هڪ خاص سماجي ناتي جو اظهار آهي ۽ گڏ ٿيل محنت جي هڪ بدليل صورت آهي.
سڀ اقتصادي اصول انهن سماجي ناتن وانگر، جن جو هو اظهار آهن، تاريخي طور تي بدلجندڙ ۽ وقتي آهن. مارڪس ۽ اينگلز کان اڳ ڪلاسيڪي اقتصاديات جا ماهر انهن اصولن کي نه بدلجڻ جوڳا ۽ مستقل سمجهندا هئا. جيئن ته هو تاريخي نقطئه نظر کان اقتصاديات جي نشونما تي سوچي نه سگهندا هئا، ان ڪري هو سرمائيداري کان اڳ واري سماج کي اڻ سڌريل ۽ ابتدائي سمجهي نظر انداز ڪندا هئا.

## اقتصادي قانون ۽ سندن ماهيت

اقتصادي قانون اصل ۾ اقتصادي جزن ۽ مظهرن ۾ ڪي لازمي قسم جا ڳجها رابطا ٿين ٿا. هي رابطا سببن ۾ خارجي ٿين ٿا يعني انهن جو وجود انساني خواهش ۽ شعور کان بلڪل آزاد آهي. بجاءِ ان جي جو هو انساني خواهش، شعور ۽ سرت سمجهه جا محتاج هجن، هو خود انساني شعور ۽ عزمن کي مقرر ڪن ٿا.

خارجي هئڻ سان گڏ هو پنهنجي ماهيت جي لحاظ کان تاريخي ٿين ٿا يعني هڪ خاص ۽ تبديل ٿيندڙ پيداواري طريقي تي ٻڌل ٿين ٿا. جيئن جيئن پيداواري طريقو بدلجي ٿو هي قانون ٻه بدلبا رهن ٿا. بهرحال چند عام اقتصادي قانون ٻه آهن جيڪي هر سماجي اقتصادي شڪل تي لاڳو ٿين ٿا.

## پيداوار جي سماجي عمل جي بنيادي عنصر

پيداوار جي سماجي عمل جا بنيادي عنصر هي آهن (1) پيداوار (بنا واسطي محنتي عمل) (2) ورهاست (3) مٽا سٽا ۽ (4) استعمال.

پيداوار ورهاست ۽ استعمال هر قسم جي سماج ۾ ملن ٿا، پر مٽاسٽا ابتدائي اقتصادي معاشري ۾ نہ هئي ڇاڪاڻ تہ ان ابتدائي معاشري ۾ پيداوار ۽ استعمال هڪ ٻئي سان گڏ هڪ ئي اقتصادي عمل ۾ ڳنڍيل هئا.

سياسي معيشت، استعمال ۽ پيداوار بحيثيت هڪ سماجي ڪردار يعني سماجي ناتي جي پس منظر ۾ مطالعو ڪري ٿي ڇاڪاڻ تہ هي سماجي ناتا عوام، گروهہ ۽ طبقن جي استعمال جي خاصيتن کي مقرر ڪن ٿا.

## استعمال جا قسم

استعمال جا ٻہ قسم آهن: (1) سڌو استعمال (2) پيداواري استعمال (1) سڌو استعمال. استعمال شين کي انساني ضرورت جي پورائي لاءِ خرچ ڪرڻ آهي. مثلاً سڌو ڪپڙي جو استعمال هي آهي تہ ان مان لباس نهرايو وڃي (2) پيداواري استعمال، شين جو وڏيڪ پيداوار لاءِ پيداواري وسيلي طور خرچ ڪرڻ


پيداواري استعمال سڏجي ٿو. مثلاً ڪاڻ مان نڪتل ڪچو لوهه جيڪو مشينن جي پرزن ناهڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو.

## ورهاست جا طريقا

ظاهر آهي تہ جيڪو بہ سامان پيدا ڪيو وڃي ٿو سو عوام ۾ ئي ورهائجي ٿو، پر تيار ٿيل مال جي ورهاست کان اڳ پيداواري وسيلن جي ورهاست عمل ۾ اچيو وڃي. سرمائيداري ۾ پيدا ڪيل سامان سدائين پيداواري وسيلن جي مالڪن جي هٿن ۾ هوندو آهي، جڏهن تہ عوام ورهاست لاءِ سندن محتاج هوندا آهن.

## پيداوار، ورهاست، مٽاسٽا ۽ استعمال وچ ۾ ڳانڍاپو

پيداوار، ورهاست، مٽاسٽا ۽ استعمال اهي سڀ، ڪي ڌاريا آزاد مظهر نہ آهن، پر هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ۽ لاڳاپيل آهن ۽ جنهن ۾ پيداوار، اُن گهڻ منزلي اقتصادي عمارت جي پيڙهہ وانگر آهي ۽ اقتصادي زندگي ۾ هڪ نمايان ۽ فيصلہ ڪن ڪردار ادا ڪري ٿي جنهن ڪي هيٺين نقشي ۾ ڏيکاريو ويو آهي.




انهي مان ظاهر ٿيو تہ مٽاسٽا يا ورهاست ذريعي پيداوار آخرڪار استعمال ڪندڙن تائين پهچي ٿي ۽ استعمال ٿئي ٿي. هتي هي ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ پيداوار بنا مٽاسٽا جي ٿي سگهي ٿي، پر مٽاسٽا بنا پيداوار جي ممڪن نہ آهي يعني ڪابہ شيءِ جڏهن پيدائي نہ ٿيندي تہ ان جي مٽاسٽا ڪيئن ٿيندي. ٻي ڳالهہ هي آهي تہ ورهاست ۽ استعمال هر قسم جي معاشري ۾ ٿين ٿا، پر معاشري جي نوعيت پٽاندڙ ورهاست ۽ استعمال جي نوعيت بدلبي رهي ٿي. ان ڪري

سياسي معيشت هميشه پيداوار جي اوليت تي زور ڏيئي ٿي ۽ اقتصاديات جي ٻين عنصرن کي ٻئي درجي جي حيثيت ڏيئي ٿي. ان جو هي مطلب نہ آهي تہ سياسي معيشت، ورهاست ۽ ٻئي درجي وارن سببن کي نظر انداز ڪري ٿي. پر سرمائيدار اقتصاديات جا ماهر رڳو بازار ۽ مٽاسٽا جي حالتن جو مطالعو ڪن ٿا ۽ اهڙي نموني هو اصل ۽ بنياد يعني پيداواري طريقن ۽ پيداواري ناتن کي بلڪل نظر انداز ڪن ٿا. مارڪسزم جو اصول هي آهي تہ سماج جي تاريخي نشوونما جو تجزيو پيداوار ۽ پيداواري ناتن جي نظام جي بنياد تي ڪيو وڃي ٿو نہ ڪنهن ٻئي بنياد تي – مثلاً مٽاسٽا وغيره صرف اهڙي ئي تجزيي سان تاريخ جي سببن ۽ ان کي چرپر ۾ آڻيندڙ قوتن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي ۽ تاريخ جي ايندڙ رجحانن جي اڳواٽ جاچ ڪري سگهجي ٿي.

# سرمائيداري جو اقتصادي نظام

### سرمائيداريءَ جي شروعات

سرمائيداري نظام کان اڳ هڪ ٻيو استحصالي نظام رائج هو يعني جاگيرداري نظام. سرمائيداري جي شروعات ننڍي پيماني تي جنسي پيداوار سان ٿي، جنهن جي تضادن جي ڪري ڪجهه ماڻهو امير بنجي ويا ۽ باقي تباهه ۽ برباد ٿي ويا. بهرحال، جنسن جي ٿوري ۽ ننڍي پيماني تي پيداوار سان سرمائيداري جي شروعات ٿي. ننڍي پيماني تي پيداوار ڪندڙن جي معاشيات جيڪي پنهنجي پيداوار جي متاستا ڪن تا سا ادنيٰ جنسي پيداوار سڏجي ٿي. سرمائيداري، ننڍي پيماني تي جنسن جي پيداوار کان اڀري ٿي يعني جيڪڏهن ننڍي پيماني تي جنسي پيداوار نہ هجي ها تہ سرمائيداري وجود ۾ نہ اچي سگهي ها.

سرمائيداري سان ننڍي پيماني تي جنسي پيداوار جي ڀيٽ

ٻنهي ۾ پيداواري وسيلا نجي ملڪيت ٿين ٿا. هيءَ انهن ٻنهي جي مشابهت آهي، پر فرق هي آهي تہ ادنيٰ جنسي پيداوار، پيدا ڪندڙن جي ذاتي محنت تي ٻڌل ٿئي ٿي. جڏهن تہ سرمائيداري نظام ۾ پيداوار جو دارومدار پگهار تي ڪم ڪندڙ مزورن جي محنت تي ٿئي ٿو، جن وٽ پيداواري وسيلا نٿا ٿين ۽ جن جو استحصال ڪيو وڃي ٿو. جيئن جيئن سرمائيداري وڌي ٿي هو ادنيٰ جنسي پيداوار جي نظام کي ڌڪو ڏيندي وڃي ٿي ۽ آخر ۾ بلڪل ختم ڪيو ڇڏي جڏهن تہ ان نظام جا پيدا ڪندڙ پگهاردار مزور بڻجي سرمائيداري نظام جو هڪ حصو بڻجيو وڃن.

سرمائيداريءَ جو اپار ڦرلٽ، سوڀن، غلام سازيءَ ۽ فريب جي ذريعي آيو.

## سرمائيداري جي اپار جا نتيجا

ان جو پهريون نتيجو هي نڪتو تہ دولت چند هٿن ۾ گڏ ٿي ويئي ۽ ٻيو هي تہ تمام گهڻا انسان ڏتڙجي ويا يعني بي ملڪيت ٿي ويا. هي ماڻهو ذاتي حيثيت ۾ تہ آزاد ٿين ٿا، پر پيداواري وسيلن ۽ معاشي وسيلن کان ٻنهه وانجهيل. ان لاءِ

هنن کي پنهنجي محنت جي قوت وڪڻي زندگي گهارڻي پوي ٿي. اهڙي طرح سرمائيداري نظام جي شروعات هڪ پاسي ملڪيت جي مالڪ سرمائيدارن ۽ ٻئي طرف بي ملڪيت پرولتاريہ کي جنم ڏنو، جيڪي سرمائيدارانہ ذخيره اندوزي کان اڳ سرمائي جي شروعاتي ذخيري اندوزي مان پيدا ٿين ٿا.

## پگهاردار مزورن جو وجود

جاگيرداري دور ۾ زراعت هڪ بنيادي ڌنڌو ۽ زمين بنيادي پيداواري وسيلو هئي ۽ پيداوار جو عمل دستڪارن ۽ هارين ذريعي پورو ٿيندو هو. جيتوڻيڪ ذاتي طرح جاگيردارن جي قبضي ۾ هئا، پر هو زمين سان ٻڌيل هئا. پيداواري اوزار هنن جا پنهنجا هوندا هئا ايتري قدر جو زمين تي بہ سندن موروثي حق هوندو هو. ان کان سواءِ هارپ جا اوزار ۽ چوپايو مال بہ سندن ملڪيت هئي. ان طبقي کي جاگيردارن جي ذاتي قبضي کان آزاد ڪيو ويو تہ هنن کي سرمائيدارانہ غلاميءَ جي نظام ۾ ٻڌو وجي. هارين کي قبضي کان آزاد ڪرڻ لاءِ هنن کي پيداواري وسيلن کان محروم ڪيو ويو. ان هوندي بہ هو اڻ سڌي طرح پيدا ڪندڙ هئا. هي بي دخل ٿيل، بي روزگار ۽ فالتو ماڻهو پگهاردار مزدورن جا پهريان نشان هئا. اهڙي نموني ڏاڍ ۽ ڦرلٽ جي ذريعي هارين کي بي زمين ۽ بي گهر پرولتاريہ بنايو ويو ۽ زرعي زمين جي وسيع ٽڪرن کي هڪ ننڍي ٽولي جي هٿ ۾ ڏنو ويو.

## سرمائي جي شروعات

سرمائي گڏ ڪرڻ جي شروعات آمريڪا جي نئين جاگرافيائي ڳولها، هندستان سان نا برابري وارو واپار ۽ حڪومت جي مدد سان ڏٽڙيل ۽ ڪمزور ملڪن جي ڦرمار ۽ ان تي قبضي سان ٿي جنهن سببان رپيو ۽ سرمايو هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ لڳو. هنن ملڪن مان جن شروعاتي ڦرمار ۾ حصو ورتو انهن مان پورچوگال، هاليند، برطانيہ ۽ فرانس اهم آهن.

## سرمائيداري ۽ جنس جو تجزيو

سرمائيداري، اولهه يورپ ۾ چوڏهين عيسوي صدي ۾ شروع ٿي ۽ تقريبن اٺوهين عيسوي صدي ۾ ان جي نشونما ۽ ترقي ڏاڍي تيزيءَ سان ٿي.
سرمائيداري نظام ۾ پيداوار جي بنيادي خاصيت هي آهي تہ ان ۾ پيداوار، استعمال لاءِ نہ پر مٽاسٽا لاءِ ٿئي ٿي. ان پيداواري طريقي کي جنسي پيداوار چون ٿا. اهڙي نموني جنس، سرمائيداري لاڳاپي جي بنيادي ايڪي جي حيثيت رکي ٿي.

## جنسي پيداوار جا لازمي جزا

(1) جنسي پيداوار ۾ محنت جي سماجي ورهاست نهايت جامع ۽ مڪمل ٿئي ٿي. جيتوڻيڪ ابتدا ئي سماج ۾ بہ محنت جي ورهاست جو رواج هو، پر اُها ورهاست ٻئي قسم جي ورهاست هئي. مثلاً دستڪارن ۽ هارين جي ورهاست جنهن جي ڪري هاري اناج پيدا ڪندا هئا ۽ ان زماني جي زرعي آبادي صنعتي ڪم ڪندڙن جي پرورش ڪندي هئي. ۽ انهن ڪان وري زراعت ۽ زندگيءَ ٻين ضرورتن لاءِ اوزار تيار ڪرائيندي هئي. پر سرمائيداريءَ دور ۾ هيءَ ورهاست ڏنڌي پٽاندڙ نہ پر صنف ۽ عمر پٽاندڙ ٿئي ٿي. اڳتي هلي اِها ورهاست ماهر ۽ غير ماهر، هنرمند ۽ غير هنرمند ڪاريگرن جي وچ ۾ ٿئي ٿي.
(2) جنسي پيداوار جو ٻيو لازمي جزو پيداواري وسيلن جي نجي ملڪيت آهي.

## جنس جون خاصيتون

(1) جنس ۾ استعمالي قدر هئڻ ضروري آهي. يعني ان جي ذريعي ڪنهن انساني ضرورت ۽ گهرج جو پورائو ٿئي. پيداوار جي هي خاصيت فطري اقتصاديات جي دور ۾ بہ هئي.

(2) جنس هڪ اهڙي شيءِ آهي جنهن جي متاستا ڪنهن ٻيءِ شيءِ سان ڪئي وڃي.

(3) جنس ۾ متاستا جي ويليو (Exchange Value) هئڻ ضروري آهي، جنهن کي صرف قدر (Value) بہ چون ٿا. متاستا جي قدر جو مطلب آهي مقدار جو اُهو تناسب جنهن سان محنت جي هڪ پيداوار جي متاستا محنت جي ٻيءَ پيداوار سان ٿئي. هتي هي سوال پيدا ٿئي ٿو تہ اُهو مقداري تناسب ڇا آهي، جنهن سان مقرر مقدار جي هڪ شيءِ جي متاستا ڪنهن ٻي شيءِ جي هڪ مقرر مقدار سان ڪئي وڃي؟ ٻين لفظن ۾ ڪنهن شي جي قيمت ڪيئن مقرر ٿئي ٿي؟ اسان اڪثر ڏسون ٿا تہ بازار ۾ قيمتن ۾ لاهو چاڙهو ۽ گهاٽي واڌي ٿيندي رهي ٿي، پر اِها گهاٽي واڌي ڪنهن سراسري سطح جي اندر ٿئي ٿي. ان لاءِ متاستا يعني قيمت جو معيار متاستا جي عمل ۾ نٿو ملي، پر هي پيداواري عمل ۾ لڪل ۽ سمايل هوندو آهي.

## مختلف جنسن جي هڪجهڙي خاصيت

مٿي ذڪر ڪيل متاستا جو معيار ڇا آهي؟ هيءُ اصل ۾ ڪنهن شيءِ جي پيدائش ۾ خرچ ڪيل سماجي طور تي ضروري محنت جو مقدار آهي جيڪو ان تناسب کي مقرر ڪري ٿو جنهن سان هڪ سامان جي متاستا ڪنهن ٻئي سامان سان ٿئي ٿي. محنت جي ماپ جو طريقو هي آهي تہ ڪنهن جنس جي پيداوار ۾ جيڪو وقت خرچ ٿئي ٿو اُهوئي خرچ ڪيل محنت جو معيار آهي. مثلاً ڪنهن شيءِ کي پيدا ڪرڻ ۾ ان جي پيدا ڪندڙن کي مجموعي طرح بہ ڪلاڪ خرچ ڪرڻا پون ٿا ۽ ڪنهن ٻي شيءَ جي پيدا ڪندڙن کي مجموعي طرح ڏيڍ ڪلاڪ خرچ ڪرڻو پوي ٿو تہ متاستا جي معيار ۾ پوئين شيءَ جي پهرين شيءَ جي مقابلي ۾ گهٽ قيمت ٿيندي. ان نموني جيڪڏهن حساب لڳائڻو هجي تہ هڪ سير ڪڻڪ ڪيترن والن ڪپڙي جي برابر آهي يا هي تہ هڪ سير ڪڻڪ جو ڪيترن والن ڪپڙي سان متاستا ڪئي وڃي. ان لاءِ ٻنهي شين جي پيدا ڪرڻ ۾ خرچ ڪيل اجتماعي محنت جي وقت کي جاچڻو پوندو ۽ ظاهر ۽ متاستا ۾ شين

جي برابري سندن پيدائش ۾ خرچ ٿيندڙ محنت جي وقت جو ٻيو نالو آهي. اهوئي معيار، قدر جو بنياد آهي ۽ اهوئي جنسي پيداوار جو هڪ اقتصادي قانون آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي متاستا جي قدر جي هن معيار تي شڪ هجي ته ان آڏو اسان هڪ ننڍو مثال رکون ٿا. اُهو هي آهي ته ڪجهه وقت اڳي ڪيتريون شيون مهانگيون هيون مثلاً جڏهن پهريون پيرو بازار ۾ اليومينم جا ٿانو ۽ ٻيو سامان آيو ته نهايت مهانگو هو، پر جڏهن فني صلاحيت ۽ ٽيڪنالوجي جي ترقي سان ان جي تياريءَ ۾ خرچ ڪيل محنت گهٽجي ويئي ته هو سهانگو ٿي ويو.

## سرمائيدارانا پيداوار جو انتشار

سرمائيدارانا پيداواري طريقي ۾ قدر جو قانون (Law of Value) هڪ خودڪار قوت وانگر عمل ڪندو رهي ٿو ۽ ان جو عمل، باهمي مقابلي ذريعي ٿئي ٿو جيڪو سرمائيداري جو لازمي حصو آهي. سرمائيدارانا مقابلو اصل ۾ پوائتي اقتصادي ڪشمڪش جو ٻيو نالو آهي. سرمائيداري مقابلي سببان هر سرمائيدار جي دل ۾ اهو جذبو ڪم ڪندو رهي ٿو ته هو گهٽي کان گهٽو مال ناهي وڪٽي ۽ پنهنجي مخالف سرمائيدار کي بازار ۾ ٺپ ڪري ڇڏي، جنهن لاءِ ضروري آهي ته پنهنجي مزدورن جي استحصال ۾ ٻين کان بازي کٽي وڃي. (گهٽ مزدوري يا گهٽي محنت وغيره) اهڙي طرح جنسي پيداڪارن درميان پيداوار جو انتشار ۽ بي ضابطگي وجود ۾ اچن ٿا. پيداوار جي انتشار جو هي مطلب آهي ته پيداواري عمل، انفرادي جنسي پيداڪارن ۾ ڦهليل آهي ۽ هنن ۾ ڪابه رٿابندي يا باهمي تعاون نه آهي. ٿئي ائين ٿو ته پيداوار چند ڇڙوڇڙ پيداڪارن جي هٿن ۾ ٿئي ٿي، جيڪي پنهنجي جنسن جي متاستا ڪن ٿا يعني انهن کي وڪڻن ٿا. متاستا ۾ طلب (Demand) ۽ رسد (Supply) جي جزي سببان قيمتن ۾ لاهي چاڙهي ٿئي ٿي. ان بازار جي افراتفري ۾ پيداڪارن کي اڳواٽ اِهو معلوم نه هوندو آهي ته هن جي جنس جي ڪيتري طلب ۽ ڪيتري قيمت بازار ۾ ٿيندي. هن کي اِها خبر ان وقت پوي ٿي جڏهن هو پنهنجو مال بازار ۾ آڻي ٿو ۽ اهوئي بازار جي لاهي چاڙهي جو سبب آهي. مثال طور اوچتو جوتن ناهيندڙن کي هي

محسوس ٿئي ٿو ته بازار ۾ جوتن جو اگهه ڪري پيو آهي ڇاڪاڻ ته مال تمام گهڻو پيدا ٿي بازار ۾ پهچي ويو آهي. ان سببان رسد وڌي ۽ طلب گهٽجي ويئي آهي. قيمتون گهٽجي وڃڻ سببان جوتن ناهيندڙن کي گهاٽو پئي ٿو ۽ هو جوتن جو ڪاروبار ڇڏي ڪو ٻيو ڪاروبار ڪن ٿا. ان جو نتيجو ڇا ٿو ٿئي جو بازار ۾ مال گهٽجيو وڃي ۽ وري اگهه وڌيو وڃن، ان ڪري وري ڪيترا ماڻهو جوتن ناهڻ واري ڪم ۾ لڳيو وڃن ۽ ان نموني لاهي چاڙهي جي زنجير جاري رهي ٿي. ان مثال مان هي واضح ٿئي ٿو ته پيداوار جي مختلف شاخن ۾ سماجي محنت جي ختم نه ٿيندڙ لاهين چاڙهين وچ ۾ ورهاست ٿئي ٿي.

جنسي پيداوار جي نشونما سان گڏ پيداوار اصلي پيداڪارن (پورهيتن) جي هٿن مان نڪري سرمائيدارن جي هٿن ۾ پهچيو وڃي. ڇاڪاڻ ته پيداوار، ڪارخاني جي پيداوار ٿيو پوي جنهن ۾ هزارين ماڻهو ڪم ڪن ٿا. جيڪي پيداوار جا عظيم ذخيرا تيار ڪن ٿا ۽ اهي ذخيرا دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڪامن ٿا، پر ان وقت به انتشار جيڪو سرمائيداري جو اٽوٽ جزو آهي پوري طرح نمايان ٿئي ٿو ۽ هڪ خاص تباهه ڪن قوت جي شڪل ۾ ايري ٿو، جنهن کي بحران چون ٿا.

## روپئي جو وڌڻ ويجهڻ

رپيو اصل ۾ مشترڪ متاستا جي ذريعي جي حيثيت سان وجود ۾ آيو هو ۽ شين جي متاستا جي معيار کان سواءِ پنهنجي ڪاذاتي حيثيت نه رکندو هو پر پوءِ آهستي آهستي هڪ آزاد ۽ اهم اقتصادي قوت بنجي ايريو. رپئي جي هيءَ حيثيت سرمائيداري نظام ۾ قائم ٿي، جنهن ۾ سرمائيدار، مزورن جي محنت جو مفت استحصال ڪري ٿو ۽ بنا ڪمايل آمدني وصول ڪري ٿو. اهڙي نموني رپئي کي وڌڻ لاءِ هڪ استحصالي نظام ضروري آهي. ورنه رپيو خود به خود ڪنهن ٻوٽي وانگر وڌي نٿو سگهي. سرمائيداري نظام ۾ رپيو، متاستا کان آزاد ٿي بذات خود سرمايو بڻجيو وڃي ۽ اهڙي نموني وڌيڪ دولت پيدا ڪرڻ جو ذريعو بڻجي ٿو.

رپيو پيداواري وسيلي ۾ تبديل ٿي سرمائي جي شڪل اختيار ڪري ٿو ۽ سرمايو وڌيڪ رپيو پيدا ڪري ٿو. اهڙي نموني رپيو جيڪو شروع ۾ رڳو مٽاسٽا جو ذريعو هو. سرمائيداري دور ۾ پيداواري ذريعو بڻجيو وڃي ۽ رپئي ۾ وڌيڪ اضافي جو سبب بڻجي ٿو.

## سرمايو

سرمائيدار اقتصاديات جي ماهرن وٽ هر اهو محنت جو وسيلو جنهن ڪي ڪنهن شيءِ جي حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي، سرمايو آهي. ان ڪري هنن جو خيال آهي تہ آڳاٽي زماني ۾ استعمال ٿيندڙ سادا اوزار مثلاً ڏنڊو ۽ پٿر بہ سرمايو هئا، پر هيءَ سوچ سراسر غلط آهي. هن ڪان اڳ، جو اسان ان غلطيءَ جو تجزيو ڪريون اهو سمجهڻ ضروري آهي تہ سرمايو ڪا شيءِ نہ آهي، پر هڪ مخصوص پيداواري ناتو آهي. هي اُهو سماجي ناتو آهي جيڪو ٻن طبقن درميان ٿئي ٿو. هڪ طبقو اُهو جيڪو پيداواري وسيلن جو مالڪ ٿئي ٿو ۽ ٻيو اُهو جيڪو انهن وسيلن ڪان محروم ٿئي ٿو ۽ ان لاءِ استحصال سهڻ تي مجبور ٿئي ٿو. هي سماجي لاڳاپو پيداواري وسيلن مثلاً زمين، عمارت، مشين، ڪچي مال وغيره ڪي استحصال جو وسيلو بنايو ڇڏي ۽ تڏهن ئي اهي شيون سرمايو بڻجن ٿيون. جيئن تہ انساني سماج جي مُنڍ ۾ ڏنڊي ۽ پٿر جهڙا اوزار ۽ هٿيار ساري سماج لاءِ استعمالي قدر پيدا ڪرڻ جي ڪم ايندا هئا ۽ نہ مٽاسٽا جي شين پيدا ڪرڻ لاءِ. ان ڪري انهن ڪي سرمايو نٿو چئي سگهجي ان لاءِ تہ سرمائيداري سماج ۾ پيداواري وسيلا هڪ جنس بڻجيو وڃن ٿا ۽ پنهنجي قدر ۽ قيمت رکن ٿا. ان ڪري اسان سرمائي جي وصف هيئن ڪري سگهون ٿا تہ سرمايو اُها قدر آهي جيڪا اجرتي محنت جو استحصال ڪري زائد قدر (Surplus Value) پيدا ڪري ٿي. سرمايو هڪ طريقي سان ذخيرو ٿيل يا جمع ٿيل محنت جو ٻيو نالو آهي. سرمائيداري نظام ٻن طبقن تي ٻڌل آهي. هڪ اُهو طبقو جيڪو سيني پيداواري وسيلن جو مالڪ ٿئي ٿو. جيئن سرمائيدار ۽ زميندار ۽ ٻيو اُهو جيڪو انهن وسيلن ڪان محروم هئڻ سببان پنهنجو پاڻ ياڙي تي ڏيو ڇڏي. نہ

فقط هي پر سرمائيداري نظام ۾ ننڍو مالڪ مثلاً ڪڙمي ۽ ڪاريگر بہ استحصالي پنجوڙ ۾ ڦاسيو پون ٿا. هر قدم تي نجي ملڪيت جي غلبي جو اثر چٽو ٿئي ٿو، ايتري قدر جو گهر ڪان وٺي قبر تائين هر ڪا شيءِ نجي ملڪيت ٿئي ٿي.

ان نظام ۾ رپيو هر پاسي کان ڇڪجيو سرمائيدارن جي زر جي نظام جو قيدي ٿيو پوي. مثلاً جيڪڏهن ڪو مزور ڪڏهن ڪجھ رپيا بچايو وٺي تہ هن ڪي اهي رپيا بئنڪن ۽ انشورنس ڪمپنين ۾ رکڻا پون ٿا؛ جيڪي سرمائيدارن جي ملڪيت ٿين ٿيون. اهڙي نموني جڏهن سرمائيداري وڏي مالياتي سرمائيداري(Finance Capitalism) جي شڪل اختيار ڪري ٿي تہ هر ڪنهن جو پيسو سرمائيدارن جي قبضي ۾ اچيو وڃي.

## محنت جي قوت هڪ جنس جي حيثيت ۾

مزورن ڪي ياڙي تي وٺي سرمائيدار محنت جي قوت ڪي بحيثيت هڪ جنس خريدي ٿو. ان طرح سرمائيداري ۾ محنت جي قوت بہ هو ڏيتي ليتي جي جنس بنجيو وڃي ٿي. جيئن تہ مزور سمورن پيداواري وسيلن کان محروم هئڻ ڪري وڪڻڻ لاءِ ڪجھ نٿا رکن ان ڪري هن وٽ پنهنجي محنت جي قوت جو استعمال جو ئي هڪ طريقو آهي، جنهن ذريعي هو پاڻ ڪي سرمائيدار وٽ وڪڻن ٿا ۽ پوءِ اها ئي قوت هڪ پيداواري وسيلي جي حيثيت سان استعمال ٿئي ٿي.

## هڪ جنس جي حيثيت سان محنت جي قوت جي قيمت

هتي هيءُ سمجھڻ ضروري آهي تہ مزور پنهنجي محنت جي قوت هڪ مقرر عرصي لاءِ وڪڻن ٿا. هميشہ لاءِ نہ، يعني اهو وڪرو هڪ محدود وقت لاءِ ٿئي ٿو پوءِ ڪٿي اهو چند ڪلاڪن لاءِ هجي يا چند مهينن لاءِ. ٻي هيءَ ڳالھ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ مزورن جي بنيادي ضرورتن جو ايترو پورائو ضروري آهي، تہ

جيئن هو زنده رهي سگهن ۽ هنن جي محنت جي قوت بہ قائم ۽ زنده رهي سگهي. ان ڪري بحيثيت جنس، محنت جي قوت جي قيمت انهن سيني جنسن جي برابر آهي، جيڪي ڪيس زنده رکڻ لاءِ ۽ سندن محنت جي صلاحيت قوت کي بحال ڪرڻ لاءِ ضروري آهن. ان ڪري محنت جي قوت جي قدر جو فارمولا هن ريت آهي:

محنت جي قوت جو قدر = هن جي زندگي جي وسيلن جو قدر

محنت جي قوت جي قيمت ۾ اُها لاڳت بہ شامل ٿئي ٿي، جيڪا نوجوان ۽ غير هنرمند مزورن کي سکيا ڏيڻ تي خرچ ٿئي ٿي. ان لاءِ سکيا ورتل ۽ هنرمند مزورن جو اُجورو يعني انهن جي محنت جي قوت جي قيمت، غير هنرمند مزورن کان وڌيڪ ٿئي ٿي.

سرمائيداري نظام ۾ محنت جي پيداواري صلاحيت گهڻو وڌيو وڃي، ان ڪري هڪ مزور جي روزاني محنت ان سامان کان گهڻو وڌيڪ سامان پيدا ڪري ٿي؛ جيڪو خود هن مزور جي زندگي لاءِ ضروري آهي.

ان طرح مزورن جي محنت سان پيدا ڪيل قدر ۽ هن جي محنت جي قوت جي قدر ۾ ڏار ڏار ايڪا آهن. پوئين ذڪر ڪيل مزورن جي اجرت (اجورو) سڏجي ٿي، جڏهن تہ پهرين ذڪر ڪيل سرمائيدارانہ نفعي جو وسيلو بڻجيو وڃي. هنن ٻنهي جي وچ ۾ جيڪو فرق آهي اُهوئي اصل ۾ استحصال جو بنياد آهي، ڇاڪاڻ تہ هن فرق کي سرمائيدار بلڪل مفت هڙپ ڪيو وڃي.

## زائد قدر

اها محنت جيڪا هڪ مزور سرمائيدارن جي ڪارخاني ۾ ڪري ٿو، ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿي. يعني محنت جي ڏينهن جي هڪ حصي ۾ مزور اُهي قدر پيدا ڪري ٿو، جيڪي هن جي محنت جي قوت برابر هجن يعني هيءُ تہ ڏينهن جي هڪ حصي ۾ هو ايترا قدر پيدا ڪيو وني جيڪي هن جي زندگيءَ جي ضرورتن جو پورائو ڪري سگهن. ان محنت کي ضروري محنت (Necessary Labour) چون ٿا. ڏينهن جي ٻئي حصي ۾ هو زائد قدر پيدا ڪري ٿو يعني

پنهنجي زندگيءَ جي ضرورتن کان وڌيڪ قدر پيدا ڪري ٿو، جنهن کي سرمائيدار مفت هڙپ ڪيو وڃي — ان محنت کي زائد محنت (Surplus Labour) چون ٿا. مزورن جي زائد محنت جي پيدا ڪيل قدر، زائد قدر سڏجي ٿي. اصل ۾ زائد قدر، بي ڳاري محنت يعني ان محنت جو نتيجو آهي، جنهن جو ڪوبہ اُجورو نہ ٿو ڏنو وڃي ۽ اهائي بي ڳاري محنت ۽ ان جي پيدا ڪيل زائد قدر تمام غير محصول آمدني يعني نفعي جو وسيلو آهي. نفعو جيڪو سرمائيداري جي مشين کي چوريندڙ قوت آهي ۽ اهوئي سرمائيدارانا استحصال جو بنياد آهي. مثال طور فرض ڪريو تہ مزور ڪنهن ڪارخاني ۾ اٺ ڪلاڪ ڪم ڪري ٿو ۽ هن کي پنج رپيا ڏيهاڙي اجورو ملي ٿو تہ هاڻي هو ٽن يا چئن ڪلاڪن (مختلف حالتن تي منحصر آهي) پنجن رپين جي برابر قدر پيدا ڪيو وٺي. باقي وقت يعني چار يا پنج ڪلاڪ هو جيڪو ڪم ڪري ٿو ان جو هن کي ڪوبہ اجورو نٿو ملي ۽ جنهن سان سرمائيدار جو نفعو ٺهي ٿو ۽ جنهن کي زائد قدر چئبو آهي. ان ڪري مزور جڏهن پنهنجي اجوري ۾ اضافي جو مطالبو ڪري ٿو تہ هو اصل ۾ زائد قدر يعني سرمائيداري نظام جي نفعي ۽ استحصال تي حملو ڪري ٿو.

## اجرت (اجورو) ۽ نفعو

سرمائيدار اقتصاديات، جي ماهرن مزورن جي پگهار بابت مختلف نظريا گهڙيا آهن. انگلينڊ جي مشهور مفڪر جان اسٽوئرٽ مل جي چوڻ مطابق تہ اجرت جو فنڊ هڪ مقرر رقم ٿئي ٿي جيڪا پيداوار جي لاڳت جو هڪ حصو ٿئي ٿو. جيئن جيئن مزورن جو تعداد وڌندو وڃي ٿو ان جي انفرادي اجرت خودبخود گهٽ ٿيندي وڃي ٿي. ڇاڪاڻ جو پيداواري ڪٽ ۾ اجرت جو فنڊ وڌي نٿو پر جيئن جو تيئن رهي ٿو. هن نظريي مطابق موجوده دور ۾ جيڪو عظيم هڪ هٿين جو دور آهي ۽ جنهن ۾ لکين ڪروڙين مزور اجرت تي رکيا وڃن ٿا پڻ بيروزگار مزورن جي فوج ۾ اضافي جو تناسب وڌندو وڃي ٿو، اجرتن جو ساڳئي تناسب سان گهٽ ٿيڻ لازمي ٿيو پوي ان نظريي سان مزورن کي هي

پڙهايو وڃي ٿو تہ اجرتن وڌائڻ لاءِ جدوجهد احمقانا آهي. هي نظريو هڪ جامد ۽ داخلي قسم جو وهم آهي جيڪو ان ڳالهہ کي نظر انداز ڪري ٿو تہ سرمائيدارانا صنعت جي ترقيءَ سان جڏهن لاڳت جون ٻيون مدون جهڙوڪ ايراضيءَ جي مسواڙ، مشينن جو خرچ وغيره وڌي وڃن ٿيون، تہ پوءِ اجرت، لاڳت جي هڪ مد جي حيثيت سان ساڪن ۽ هڪ هنڌ ڪيئن رهي سگهجي ٿي؟

ان ڪان سواءِ ان سلسلي ۾ سڀ ڪان بنيادي ۽ اهم نظريو مالٿوس جو آهي، مالٿوس چوي ٿو تہ آبادي جياميٽري جي تناسب سان وڌي ٿي، معاشي وسيلا صرف ارٿميٽڪ جي تناسب سان وڌن ٿا. مثلاً آبادي هڪ، ٻہ، چار، اٺ، سورهن (1-2-4-8-16) جي تناسب سان وڌي ٿي يعني ٻيڻي ٿيندي وڃي جڏهن تہ معاشي وسيلا هڪ، ٻہ، ٽي، چار پنج (1-2-3-4-5) جي تناسب سان وڌن ٿا. اهڙي نموني معاشي وسيلا باهمي ڊوڙ ۾ آبادي ڪان گهٽو پنتي رهجيو وڃن ٿا. هن نظريي جا مقصد هيٺيان آهن:

(1) انسان ذات ۽ مزور طبقي جي آبادي ۽ اضافي سان گڏ فاقاڪشي ۽ غربت ۾ گرفتار ٿيڻ اڻ ٽر آهي. ان لاءِ عوام کي پنهنجي اقتصادي ڀلائي جي جدوجهد ڪرڻ سان ڪو فائدو نہ آهي.

(2) جيڪڏهن عوام کي پنهنجي معاشي حالت بهتر بنائڻي آهي تہ آبادي ۾ اضافي مان جند ڇڏائين. ان لاءِ جنگ، بيماريون، ڏڪر ۽ برٿ ڪنٽرول جا طريقا نافذ ڪيا ويا آهن. ظاهر آهي تہ هي طريقا انسانيت جي وجود ۽ بقا ۽ نئين تخليق تي زبردست حملا آهن ۽ ان جو مقصد هي آهي تہ سرمائيداري جي استحصالي نظام جي بچاءُ جي خاطر انسانيت ختم ٿي وڃي.

انهن نظرين جي ذريعي سرمائيدارن جا ڇاڙتا پنهنجن آقائن جي خدمت پيا ڪن ۽ اهڙا اهڙا نظريا ۽ طريقا ايجاد ڪن ٿا، جيڪي اجرتي غلامي ۽ استحصالي نظام قائم رکڻ ۾ مددگار ۽ معاون ثابت ٿين.

بهرحال، جيئن تہ اسان پهرين ڏسي چڪا آهيون تہ اجرت جو مقدار، محنت جي قوت جي مٽاسٽا جو قدر آهي، جيڪو زندگيءَ جي وسيلن جي قيمت جي برابر ٿئي ٿو تہ جيئن هن جي غلامي قائم ۽ دائم رهي. جهڙي نموني غلامن ۽

چوپائي مال کي ڪاڙو ڏنو وڃي ٿو تہ جيئن هو پنهنجن آقائن جي مفاد جي خاطر زندهہ رهي سگهن.
هاڻي سوال هي آهي تہ سرمائيدار جي نفعي جو وسيلو ڇا آهي؟ ظاهر آهي تہ پيداواري عمل ۾ ڪا اهڙي پيداواري قوت هئڻ گهرجي، جيڪا هڪ جنس جي حيثيت سان جي قدر کان وڌيڪ پيدا ڪري سگهي ورنہ نتيجو هي نڪرندو تہ پيداوار جي قدر، لاڳت جي برابر ٿيندي ۽ اهڙي حالت ۾ سرمائيدار کي ايترو ئي ملندو جيترو هو خرچ ڪري چڪو آهي. جيتوڻيڪ نفعي لاءِ هيءُ ضروري آهي تہ سرمايو لڳائڻ وارو پنهنجن خرچن ۽ لاڳت کان ڪجهہ وڌيڪ حاصل ڪري جيڪو انهيءَ قيمت جي ذريعي وصول ٿئي. ظاهر آهي تہ ڪي بہ پيداواري قوتون مثال طور ايراضي، عمارت، مشينون پنهنجي قدر کان وڌيڪ پيدا نٿيون ڪري سگهن سواءِ محنت جي قوت جي. هن طرح واضح ٿيو وڃي تہ نفعو صرف زائد محنت منجهان ۽ زائد قدر جي حيثيت ۾ نڪري ٿو. زائد محنت سان جيتري زائد قدر ٿيندي نفعو اوترو ئي وڌيڪ ٿيندو ۽ جيتري گهٽ هوندي نفعو اوترو ئي گهٽ ٿيندو. هتي هي نڪتو بہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ زائد قدر ئي اهو ذريعو آهي جنهن سان رياست جي جابرانہ ادارن جهڙوڪ انتظاميہ، فوج، پوليس وغيره جو خرچ نڪري ٿو تہ جيئن پيڙهيل طبقن کي ڏاڍ ۽ ڏنڊي جي زور سان دٻائي استحصالي نظام قائم رکن. بينڪن ۾ زائد قدر سامراجي ملڪن ۽ هڪ هٿين جي خرچ جو وسيلو آهي جيڪو محڪوم ملڪن کان وصول ڪن ٿيون.

# سرمائيدارانا استحصال ۽ ان کان اڳئين استحصال جي شڪل

ڇا استحصال ۽ پرماريت صرف سرمائيداري سماج ۾ ٿئي ٿو ۽ ان کان اڳين نظامن ۾ استحصال جو وجود نہ هو؟ هيءَ ڳالهہ صحيح نہ آهي. استحصال سرمائيداري سماج کان اڳ بہ ٿيندو هو، ايئن ڪٿي چئجي تہ تاريخ ۾ هو ان وقت شروع ٿيو جڏهن طبقاتي معاشري جنم ورتو. طبقاتي معاشري ۾ سڀ کان پهريون معاشرو غلامي وارو نظام هو. ان کان پوءِ جاگيرداري نظام ۽ پوءِ سرمائيداري نظام. سرمائيداريءَ کان اڳ جي نظامن يعني غلامي ۽ جاگيرداري نظامن ۾ بہ استحصال ٿيندو هو يعني غالب طبقو مغلوب طبقي جو استحصال ڪندو هو، پر ان جي شڪل اِها نہ هئي جيڪا سرمائيداري ۾ آهي. مثال طور: غلامانہ نظام، پيدا ڪندڙ پاڻ خود استحصال ڪندڙن جي ملڪيت ٿيندو هو ۽ ان سان گڏ پيداواري وسيلا بہ. تنهن ڪري غلامي جي دؤر ۾ ڪارڪن ۽ ڪم جا اوزار ٻئي مڪمل طرح آقائن جي ئي ملڪيت ۽ استحصال ۾ هئا. ايتري قدر جو هنن کي خريدي وڪڻي بہ سگهيا ٿي. مثلاً روم- روم ۾ جيڪو غلامن جو دؤر هو هينيان اوزار تسليم ڪيا ويندا هئا: (1) گونگا اوزار (2) ڳالهائيندڙ اوزار.

ڳالهائيندڙ اوزار اُهي انسان هوندا هئا، جيڪي غلام سڏبا هئا ۽ گونگا اوزار، بي جان اوزار هئا.

جاگيرداري نظام ۾ رعيت گهٽ درجي جي زراعت جي اوزارن جي مالڪ هئي، پر پيداوار جو بنيادي لاڳاپو يعني زمين، زميندار جي ملڪيت هوندي هئي. جنهن سان هاري ذاتي طرح ڳنڍيل ۽ ٻڌل هو. جاگيرداري نظام ۾ جاگيردار، هاري جي محنت جو ڦل هڙپ ڪري وٺندو هو.

سرمائيداري نظام ۾ اقتدار حاصل ڪرڻ کان پوءِ، سرمائيدارن، زميندارن سان ٻڌي ڪري ورتي ۽ ان جا زمين وارا مفاد جيئن جا تيئن رهڻ ڏنا. اهڙي طرح

جاگيردارانہ استحصال مختلف شڪلن ۾ موجود رهيو. خاص ڪري ڏتڙيل ملڪن، بيٺڪي ۽ نيم بيٺڪي علائقن ۾ جاگيرداري استحصال سرمائيداري استحصال سان گڏ قائم رهيو، اهڙي نموني انهن ملڪن ۾ جاگيردار بيٺڪي ۽ سامراجي نظامن جو بڻ بڻياد هو ۽ اصل سرمائيدارانہ نظام ۾ مزور نہ تہ غلامن وانگر آقائن جي نجي ملڪيت ٿين ٿا ۽ نہ هاري رعيت وانگر زمين ذريعي جاگيردارن جا پابند ٿين ٿا. هو ظاهري ۽ قانوني طور تي آزاد ٿين ٿا، پر جيئن تہ پيداواري وسيلا ۽ معاشي وسيلن کان ماڳهين محروم ۽ وانجهيل ٿين ٿا. ان ڪري هو سرمائيدارن لاءِ ڪم ڪرڻ تي مجبور آهن. اهڙي طرح سرمائيدارانہ سماج ۾ استحصال لڪل آهي، جڏهن تہ جاگيرداري ۽ غلامي جي معاشرن ۾ هي استحصال ڪليل هو ۽ ڏٺو وائٺو ٿيندو هو، پر ان سان گڏ غلامي ۽ جاگيرداري دور ۾ استحصال حدن اندر ٿئي. يعني آقا ۽ جاگيردار، غلامن ۽ هارين کان ايتري ئي محنت ڪرائيندا هئا جيتري هنن جي ضرورتن لاءِ ڪافي هجي پر سرمائيداري ۾ هي استحصال اڻ ڪٿ آهي. ڇو؟ ان لاءِ تہ سرمائيداري، مزورن جي زائد محنت منجهان روپيو حاصل ڪري ٿي ۽ هي روپيو اجا وڌيڪ سرمائي لاءِ استحصال ٿئي ٿو، جنهن سان وڌيڪ زائد قدر پيدا ٿئي ٿي ۽ اهڙي طرح اهو سلسلو اڻ ڪٿ آهي.

## سرمائيدارانہ استحصال نقاب

سرمائيداري نظام جي زنجير جي صفت قانون ۽ ان جو پيداواري، طريقو مزور کي سرمائي جي رٿ (گاڏيءَ) ۾ ڏِڳن وانگر جوٽيو ڇڏين ۽ اهڙي نموني مزور اجرتي غلام بڻجيو وجي.

سرمائيداري پنهنجي ان استحصال کي پرفريب لفظن سان لڪائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. پر فريب نعرا آهن: ”نفعي ۾ مزور جو حصو، سماجي حصيداري، سرمائي کي عوامي سرمايو بنائڻ ۽ عوامي بهبود جي رياست، وغيره.“ پر اِهي کوکلا نعرا سرمائيدارانا استحصال جي ڪري حقيقت نٿا لڪائي سگهن. هائو هي ضرور ٿيو آهي تہ مزورن جي مسلسل جدوجهد سرمائيدارن کان ڪيتريون

ئي رعايتون زبردستيءَ حاصل ڪيون آهن. جهڙوڪ اڻ ڪلاڪن جو ڏينهن وغيره پر سرمائيداري نظام جي اصليت انهن سڌارن جي باوجود جيئن جو تيئن رهي ٿي ۽ سرمائيداري محنت جي وچ ۾ وڇوٽي وڌندي رهي ٿي، جنهن جو نتيجو هي ٿئي ٿو ته هڪ ننڍو گروهه اجا به وڌيڪ ٿيندو پيو وڃي، جڏهن ته عوام جي هڪ عظيم اڪثريت اجا به وڌيڪ ٿيندي پئي وڃي.

## زائد قدر جي نظريي جي اهميت

بناشڪ ۽ شبهي زائد قدر جو نظريو ارتقائي تاريخ جي نظريي وانگر ڪارل مارڪس جو هڪ عظيم انڪشاف آهي. ان نظريي کان سواءِ سرمائيدارانا استحصال جو بنياد سائنسي طور پروڙجي ۽ پرجهي نه سگهبو، ۽ سوشلزم صرف هڪ تخيلي ۽ همدردانه نقطئہ نظر جي حيثيت ۾ رهندو، ان نظريي مان ثابت ٿئي ٿو ته مزور طبقي تي ظلم ۽ ڏاڍ سرمائيدارن جي اتفاقي ۽ انفرادي افعال جو نتيجو ناهي، پر هنن کان زائد قدر پيدا ڪرائڻ جو نتيجو آهي.

زائد قدر مان هي واضح ٿيو پوي ٿو ته طبقاتي اختلافن جي ڍنڍ ڪڏهن به پرجي نٿي سگهي، ڇاڪاڻ ته سرمائيدار ۽ مزور جي طبقاتي تضادن جو بنياد زائد قدر تي آهي، جيڪو سرمائيداري نظام لاءِ اڻ ٽر آهي. ان لاءِ جيستائين سرمائيداري نظام قائم آهي، سرمائيدار مزور جا ٽڪرجندڙ تضاد نه رڳو باقي رهندا، پر وڌندا رهندا.

هتي هي نڪتو به ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته اهيءَ زائد قدر جي ڪري ئي نه رڳو سرمائيدار پنهنجون تجوڙيون ڀري ٿو، پر ان طبقاتي نظام کي قائم رکڻ لاءِ مختلف ادارن جو خرچ پکو به انهيءَ زائد قدر مان پورو ڪري ٿو. جهڙوڪ رياست جو خرچ، پوليس فوج، عدالت ۽ نوڪر شاهي. هتي خرچ انهيءَ زائد قدر يعني مزورن جي بيگر جي ڪمائي مان ادا ڪيا وڃن ٿا. نه ته هن طبقاتي نظام ۾ رياستي خرچ لاءِ ٽيڪس ذريعي جيڪي رقمون اڳاڙيون وڃن ٿيون ان جو وسيلو زائد قدر کان سواءِ ٻيو ڇا ٿي سگهي ٿو.

## سرمائيداري دور ۾ مشينن جو ڪردار

سرمائيدار، دسڪاريءَ جي بدران مشيني صنعت ايجاد ڪئي. نتيجو هي نڪتو ته مشينون ۽ عظيم فيڪٽريون وجود ۾ آيون. جن مان ننڍن ڪاريگرن ۽ پيداڪارن کي صنعت مان بي دخل ڪري ڇڏيو. مثال طور جڏهن سوٽي ڪپڙي جا ڪارخانا قائم ٿيا مشيني آڏاڻن تي هزارين وال سٺ ۽ ڪپڙو تيار ڪرڻ لڳا ته هنن تي هلندڙ آڏاڻن تي ڪم ڪندڙ ڪاريگر ۽ ڪوري- پنهنجي آڏاڻن سميت صنعتي ميدان مان پڇي ويا ۽ انهن فيڪٽرين ۾ مزور ڪم ڪرڻ لڳا.

مشينن سان ڪم جي ڏينهن جو اهو حصو گهٽجي ويجي ٿو جنهن ۾ مزور پنهنجي زندگيءَ جون ضرورتون پيدا ڪرڻ لاءِ محنت ڪن ٿا ۽ ڏينهن جي ان حصي کي وڌايو ڇڏي جنهن ۾ زائد قدر پيدا ڪري ٿو. اهڙي نموني سرمائيداري دؤر ۾ مشينن ڪري مزورن جي استحصال ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ جيئن جيئن مشينون پنهنجي ڪارڪردگي ۾ ترقي ڪنديون وينديون آهن، استحصال وڌندو ويندو جنهن ڪري ڪيترائي مزور غير ضروري ٿي نوڪريءَ مان ڪڍيا وڃن ٿا تنهن سان بي روزگار مزورن جي تعداد ۾ اضافو ٿيندو رهي ٿو.

مشينن جي ايجاد جي شروع ۾ مزورن متين ڳالهين سببان مشينن کي پنهنجو دشمن سمجهيو ۽ اڪثر هنن جي ٽوڙ ڦوڙ به ڪئي، پر هنن جو خيال صحيح نه نڪتو. اصل ۾ مشينون مزور طبقي جون دشمن نه آهن، پر سڄي خرابي مشينن جي سرمائيداري ملڪيت ۽ سرمائيدارانا استعمال جي آهي جنهن سببان مشينون جن کي انسان جو وفادار مددگار بڻجي ان جي تخليقي ۽ پيداواري قوتن ۾ اضافو ڪرڻ گهربو هو، تنهن مزور طبقي کي ڪچليو ايستائين جو سندن زالن ۽ ٻارن کي به پنهنجو غلام بنايو ۽ هنن کي سرمائيدارن لاءِ زائد قدر پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو. ظاهر آهي ته ان سان محنت جي شدت ۽ بي روزگاري پيدا ٿئي ٿي. انهيءَ ڪري طبقاتي شعور رکندڙ مزور مشينن جي استعمال ۽ ٽيڪنيڪي نشوونما جي خلاف نٿو ٿئي، ڇاڪاڻ ته ميڪانڪي ۽ ٽيڪنيڪي نشوونما هنن حالتن کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي، جيڪي

آخرڪار سرمائيداري کي هٽائي ان جي جاءِ تي هڪ بهتر نظام يعني سوشلزم کي وجود ۾ آڻيندين.

## اقتصادي بحران

جيئن تہ مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي تہ سرمائيداري نظام جا ٻہ بنيادي قانون آهن:
(1) بنا ڪنهن منصوبي جي انڌاڌنڌ پيداوار
(2) سرمائيدارن ۾ باهمي مقابلو ۽ ڇڪتاڻ-

انهيءَ طريقي ڪار جو لازمي نتيجو اِهو ٿئي ٿو تہ هڪ طرف ضرورت کان زياده پيداواري وسيلن ۽ سامان جو ڍير ٿئي ٿو ۽ ٻئي پاسي محنت جي طاقت بہ ضرورت کان زياده ٿيو وڃي. ٻهرين ڳالهہ جو مطلب هي آهي تہ پيدا ڪيل اڪثر سامان بازار ۾ بي طلب ٿيو پوي ۽ ان جو ڪوبہ وڪرو نٿو ٿئي ۽ ٻي ڳالهہ جو هي مطلب آهي تہ محنت ڪندڙ مزورن جي محنت جي قوت بہ بي طلب ٿيو وڃي ۽ ان جو وڪرو نٿو ٿئي. ٻين لفظن ۾، مال وڪامجي نٿو ۽ مزور بي روزگار ٿيو وڃن. اهوئي سرمائيداري نظام جو بحران آهي. سرمائيدارانا پيداوار ۽ استحصال ۾ هيءَ بحران جيڪي طلب ۽ گهٽي پيداوار جا بحران سڏجن ٿا، اڻ ٽر آهن. ان جو سبب هيءُ آهي تہ وڌيڪ نفعي ڪمائڻ جي آسري ۾ سرمائيدار پيداوار کي وڌائيندا وڃن ٿا بنا ان منصوبي جي تہ بازار ۾ ڪيتري مال جي ضرورت آهي. اهڙي طرح انڌاڌنڌ پيداوار سببان مال جي رسد وڌيو وڃي ۽ طلب گهٽجيو وڃي. ڇا ان جو اهو مطلب آهي تہ سرمائيدارانا اصطلاح ۾ ضرورت کان وڌيڪ سامان واقعي عوام جي ضرورتن کان وڌيڪ هوندو آهي؟ نہ ائين نہ آهي. عوام انهن شين جا ضرورت مند رهن ٿا، بلڪ ان لاءِ واجهائين پيا جن کي سرمائيدار ضرورت کان وڌيڪ چون ٿا. دراصل ان جو مطلب صرف هي آهي تہ اُهي شيون عوام جي خريدڻ جي قوت کان ٻاهر آهن ۽ ان ڪري هو انهن کي نٿا ڳنهي سگهن.

## بحران جا نقصان

بحران ۾ مزورن جي وڏي اڪثريت پنهنجي ضرورتن جو پورائو نٿي ڪري سگھي ان سان گڏ ان ۾ معيشت جي هڪ پوائنٽي تباهي ۽ لڪين ماڻھن جي محنت جي ڦل جي بربادي ٿئي ٿي. سماج جون تخليقي ۽ پيداواري قوتون بيڪار ۽ بينل رهڻ سببان تباهيءَ جي خطري جي ويجهو ٿيو پون ۽ لڪين عوام بي روزگار ٿيو وجن. هڪ طرف انسان بک مري ٿو ۽ ٻئي پاسي ڪاڌ خوراڪ کي تباهہ ڪيو وڃي ٿو.

ماني انسان

تصوير

ان تضاد جو بهترين مثال هينئين مڪالمي مان ملي ٿو:

ٻار: (ماءُ سان) امان! باهہ ٻار!! مون کي سخت سيءُ پيو ٿئي.

ماءُ: پٽ، ڪوئلا ڪونهن، تنهن ڪري باهہ نٿي ٻاري سگھان.

ٻار: ڪوئلا ڇو نہ آهن؟!

ماءُ: انهي ڪري جو تنهنجو پيءُ بي روزگار ٿي ويو آهي. ۽ پاڻ ڪوئلا خريد نٿا ڪري سگھون.

ٻار: بابا، بي روزگار ڇو ٿي ويو؟!

ماءُ: هي ڪاڻ جو مزور هو ۽ هن ڪوئلا وڌيڪ پيدا ڪيا آهن.

هي آهي وڌيڪ پيداوار جي بحران جي اصليت، مزور جي گھر ۾ ڪوئلا ان لاءِ ڪونهي جو هن ڪوئلا وڌيڪ پيدا ڪيا اٿس.

سرمائيداري اقتصاديات جا ماهر چون ٿا تہ بحران اتفاقي سببن جو نتيجو آهن يعني بحران، معيشت جي مختلف شاخن جي تناسب ۾ اتفاقي اپار سببان پيدا ٿين ٿا. هي اپار خرچ ۽ استعمال ۾ ڪمي پيدا ڪري ٿو، جنهن ڪري وڌيڪ پيداوار جو بحران پيدا ٿئي ٿو. سرمائيدار حڪيمن وٽ بحران جي هن مرض جو علاج جنگ، جنگي جنون ۽ جنگي هٿيارن جي ڊوڙ آهي، پر تاريخ ٻڌائي ٿي تہ

هي دوائون مرض کي وڌائي (سرمائيدارانا معيشت) مريض کي موت جي ويجهو آڻين ٿيون.

اصل ڳالهه هي آهي ته پيداوار ۽ استعمال ۾ هي نابرابري (عدم تناسب) جيڪو بحران جو سبب بڻجي ٿي، سرمائيداري نظام ۾ هڪ فطري برائي وانگر سمايل رهي ٿو، ان ڪري سرمائيدارانا معيشت بحران کان آجي نٿي ٿي سگهي. بحرانن جي وچ واري وقفي (عرصي) ۾ سرمائيدار اڪثر هي نعرو هڻن ٿا ته بحران هاڻي هميشه لاءِ ختم ٿي ويو، پر ڪجهه وقت کان پوءِ بحران جي وبا وري پيدا ٿئي ٿي. ظاهر آهي ته پروپيگندا يا نيم حڪيماڻيون دوائون، بحران جي مرض جو علاج نٿيون ڪري سگهن. بحرانن کي ختم ڪرڻ جو هڪ ئي علاج آهي ته سرمائيدارانا معيشت کي ختم ڪري سوشلسٽ معيشت کي وجود ۾ آندو وڃي.

# سرمائيداريءَ جو هڪ هٽيءَ وارو دؤر – سامراج

سامراج، سرمائيداريءَ جو آخري ۽ بلند ترين مرحلو آهي جيڪو تقريباً ويهين عيسوي صدي جي شروع ٿيڻ کان اڳ وجود ۾ آيو.

هڪ هٽيءَ ڪيئن وجود ۾ آئي؟

ننڍين ننڍين صنعتن کي آهستي آهستي وڏين صنعتن هڙپ ڪري ورتو ۽ اهڙي طرح سرمائي جو زبردست پئدار (هڪ هنڌ گڏ ٿي وڃڻ) ٿيو. جڏهن هي پئدار چڱي اونچي سطح تي پهچي ويو ته ان مان هڪ هٽيءَ وجود ۾ آئي. هڪ هٽيءَ، سرمائي جي باهمي ڇڪتاڻ کي گهٽو گهٽ ڪري ڇڏيو.

سامراج اصل ۾ هڪ هٽيءَ سرمائيداري آهي. هڪ هٽيءَ، پيداوار ۽ بازارن تي مڪمل قبضو ڪري وٺي ٿي. مختلف هڪ هٽي ان داتا پاڻ ۾ راضي نامي سان بازارن (مارڪيٽ) کي ورهايو وٺن ۽ قيمتون مقرر ڪيو ڇڏين. اِهي قيمتون صحيح قيمتون ڪونه ٿين، پر غير فطري طرح وڌيل ٿين ٿيون. يعني اُهي سماجي طور تي ضروري محنت جي لاڳت کان وڌيڪ ٿين ٿيون. ان سان گڏ هڪ هٽيون اجرتن کي گهٽايو ڇڏين. ڪچي مال تي مڪمل قبضو قائم ڪن ٿيون. ننڍن پيداڪارن ۽ بينڪن کان خراج وصول ڪن ٿيون ۽ هاري ۽ شهري ڪتب آڻيندڙن کي تباهه و برباد ڪن ٿيون.

## مالياتي سرمايو

شروعات ۾ بئنڪون مختلف سودن ۾ قيمتن جي ادائگيءَ لاءِ هڪ وچ واري اداري جو ڪم ڪنديون هيون، پر هڪ هٽيءَ جي دور ۾ بئنڪون سرمائي جون سوداگر بڻجي ويون. بئنڪون آباديءَ جي هر شعبي جي مالي آمدني ۽ بچت گڏ ڪيو وٺن ۽ ان رقم کي سرمائيدارن جي حوالي ڪن ٿيون ان عمل ۾ ٿي چار وڏيون بئنڪون نمايان حيثيت اختيار ڪيو وٺن جيڪي ٻين بئنڪن کي پنهنجو ماتحت بڻايو وٺن. ۽ اهڙي طرح نقد سرمائي جو عظيم پئدار عمل ۾ اچي ٿو.

هي سرمايو صنعتن ۾ لڳايو وڃي ٿو ۽ نتيجي ۾ بئنڪاري ۽ صنعت ۾ هڪ ڳٺ جوڙ ٿيو پوي. بئنڪاري ۽ صنعتي سرمايو پاڻ ۾ ملي هڪ ٿيو وڃي، انهيءَ ميلاپ کي مالياتي سرمايو (Finance Capital) چئجي ٿو. ان ڪري سامراج کي مالياتي سرمائي جو دؤر چيو وڃي ٿو. جنهن ۾ ساڳيون وڏيون وڏيون رت چوسيندڙ جڙون صنعت ۽ بئنڪ وري ٻنهي تي قابض ۽ استعمال ڪندڙ ٿين ٿيون. هر سرمائيدار هڪ ملڪ جي قسمت جو فيصلو چند صنعتي ۽ مالياتي هڪ هٽيءَ ان داتائن جي هٿ ۾ هوندو آهي.

## سامراج جا بنيادي اهڃاڻ

(1) هڪ هٽين ۾ پيداوار ۽ سرمائي جو زبردست پنڌار ٿيو وڃي.(2) مالياتي سرمائي سببان هڪ مالياتي حڪمرانن جو ننڍڙو ٽولو وجود ۾ اچي ٿو، جيڪو دنيا جي ڏتڙيل ملڪن جي نئين سر آبادڪاري ڪري سندن آقا بڻجيو وڃي.

(3) سامان جي روانگي (برآمد) بدران سرمائي جي برآمد جو سلسلو شروع ٿئي ٿو، جنهن سان بينڪن جو استحصال هيڪاري وڌيو وڃي.

(4) بين الاقوامي هڪ هٽيءَ سرمائيدارن جا مشترڪ ادارا ٺهيو پون، جيڪي ساري دنيا کي پاڻ ۾ ورهايو وٺن.

(5) تمام وڏيون سرمائيدار طاقتون، دنيا کي جاگرافيائي لحاظ سان بہ پاڻ ۾ ورهايون وٺن.

پر هي نہ وسارڻ گهرجي تہ سامراج، هڪ هٽيءَ سرمائيداري هئڻ سببان مفت خور ۽ ڳهندڙ سرمائيداري بڻجي وڃي ٿي ۽ سوشلسٽ انقلاب جي دؤر جو بنياد بڻجيو وڃي، پر هڪ هٽيءَ جو ڳهڻ ۽ خاتمو خودبخود نٿو ٿئي، پر ڪروڙين عوام جي جدوجهد سان ٿئي ٿو جيڪا هڪ هٽيءَ جي شديد تر ظلم ۽ ستم ۽ استحصال سببان اٿتر ٿيو پوي.

هڪ هٽي ۽ سامراج، سرمائيدارانا چڪتاڻ کي گهٽو گهٽ ڪري چند هڪ هٽي ان داتائن جو غلبو وجود ۾ آڻين ٿا. هي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ان داتا سڄي اقتصادي ۽ سياسي زندگي تي ڇائنجيو وڃن. ان سان گڏ سامراج جي بدولت

سرمائيدار فردن ۽ ملڪن جو وڏندڙ تعداد نڪمو ۽ مفت خور ٿيو پوي، جن جو تعلق پيداواري عمل سان ڪٽجيو وڃي ۽ هو پيداواري عمل ۾ بنا حصو ونڊي نفعو، وياج ۽ مسواڙ اڳاڙڻ لڳن ٿا. هنن ڪي صرف ايتري محنت ڪرڻي پوي ٿي ته هو پنن ۽ چيڪن تي صحيحون ڪندا رهن. اهڙي طرح سان سرمائي جي برآمد سببان سامراجي ملڪ پوري دنيا کان خراج وصول ڪندا رهن ٿا.

## سرمائيداري معيشت جو فوجي رخ

اڪثر سامراجي طاقتون دنيا کي نئين سر ورهائڻ لاءِ يا حريت پسند عوام کي ڪچلڻ لاءِ زبردست جنگي تياريون ڪن ٿيون ۽ پنهنجي معيشت کي نج فوجي معيشت ناهيو ڇڏين. جيئن فاشسٽ جرمني يا هاڻوڪي آمريڪا ۾ آهي. سامراجي ملڪن ۾ فوجي معيشت جو مطلب اهو ٿئي ٿو ته ٽيڪسن جو بار وڌايو وڃي، زندگيءَ جي ٻين خرچن ۾ واڌارو ٿئي ٿو جنهن سان افراط زر پيدا ٿئي ٿو. ان جي ڪري غربت ۽ بيروزگاريءَ ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ عظيم انساني وسيلن ۽ معيشت جي سامان ۾ ڪمي ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ ته انهن کي خطرناڪ هٿيارن ۾ تبديل ڪري ڇڏي ٿو، جنهن سان ڪنهن به روحاني يا مادي ضرورت جو پورائو نٿو ٿي سگهي.

جنگي معيشت، اقتصادي جمود ۽ اڪثر استعمال ۾ ايندڙ شين جي پيداوار ۾ زبردست ڪمي پيدا ڪري ٿي ۽ ناهموار نشوونما، عدم تناسب ۽ انتشار کي جيڪو سرمائيداري دور جا اڻٽٽ حصو آهن ڪجهه وڌيڪ متاهون ڪيو ڇڏي. ها، هيءُ جنگي صنعتون، هڪ هٿيءَ لاءِ عظيم نفعي جو سبب ضرور بڻجن ٿيون.

## سامراجي ملڪن جي بينڪي حڪمت عملي

هڪ هٿيءَ جي مرحلي ۾ قومن تي سرمائيداريءَ جو ڏاڍ ۽ پيڙهه وڌي وڃي ٿو. هڪ هٿي قومي ظلم، ستم ۽ نسلي امتياز پيدا ڪري ٿي. بينڪي استحصال جو هيءُ مطلب ٿيو ته محڪوم ملڪن جي معيشت جي زندگيءَ جو رت چوسي

ورتو ويو آهي. وڏي قيمتن وارو ڪچو مال، غذا، سستي محنت ۽ فراهم شده دولت نوآبادڪار، محڪوم ملڪن ڪان ڦري ويو آهي. مختلف طريقن سان سامراجي قوتون گهڻو ڪري زائد قدر، محڪوم ملڪن جي ڪروڙين عوام جي بيگر مان حاصل ڪن ٿيون. هن زائد قدر جو ٿورڙو حصو مقامي حڪمرانن طبقي کي بطور رشوت ڏيو ڇڏين ۽ جيڪي نج غير پيداواري خرچ هوندو آهي جنهن جو بار مقامي عوام کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو. بينڪن ۾ سيڙپ جي ذريعي محڪوم ۽ نو آزاد ملڪن جي استحصال سان حاصل ڪيل عظيم خراج، هڪ هٿين جي ٺجوڙين ۾ اچيو گڏ ٿئي جيڪو هنن جي سيڙپ جو نفعو ٿئي ٿو.
هي سيڙپ آمدرفت جي ذريعن، ويمي ۽ مالياتي ڦير گهير جي ذريعي ٿئي ٿي.
سامراج جي منفرد خصوصيت اڻ برابر مٽا سٽا آهي، هيءُ محڪوم ۽ نو آزاد ملڪن کي مجبور ڪري ٿي ته هو هڪ هٿيءَ وارن ڪان سامان وڏيڪ قيمت تي خريد ڪن ۽ انهن کي غذا ۽ ڪچو مال گهٽ قيمت تي وڪڻن. ڦرلٽ جي انهن طريقن سان هڪ هٿين کي تمام وڏي رقم نفعي ۾ ملي ٿي.

## بينڪي نظام جا نتيجا

اقتصادي پسماندگي ۽ وحشيانا پرڏيهي استحصال جي بدولت بينڪي عوام لکين، غربت ۽ تباهي ۾ مبتلا ٿي وجن ٿا. بينڪي ملڪ جي عوام جي سراسري آمدني سامراجي ملڪن جي ڀيٽ ۾ 1/10 يا 1/15 ٿئي ٿي ۽ ان جي مقابلي ۾ هنن جي سراسري عمر به گهٽ ٿئي ٿي، جنهن جو سبب اڻ پوري غذا ۽ سخت محنت آهي- بينڪي ملڪن ۾ مزورن کي اڪثر گهٽ اجرتن (اجوري) تي ڏينهن ۾ 14 ڪان 16 ڪلاڪن تائين ڪم ڪرڻو پوي ٿو. بينڪي هاري به ڏتڙيل ۽ سڃا ٿيو پون.
سامراجي ۽ محڪوم ملڪن جي نابرابريءَ جو هي حال آهي جو دنيا جا ترقي پذير ملڪ جيڪي آبادي جي لحاظ ڪان دنيا جو 21/3 حصو آهن ۽ عالمي صنعتي پيداوار جو فقط 1/10 پيدا ڪن ٿا جڏهن ته ترقي يافته ملڪ جيڪي عالمي آبادي جو فقط 1/10 حصو آهن سي 9/10 صنعتي سامان پيدا ڪن ٿا. بينڪي ملڪن جي

هي ٿورڙي صنعتي پيداوار بہ ترقي يافتہ ملڪن جي صنعتن لاءِ ڪچو مال فراهم ڪري ٿي. جهڙوڪ: تيل، لوهہ، معدنيات وغيره ۽ بينڪن ۾ هي ڪچي مال جون صنعتون بہ پرڏيهي هڪ هٿين جون ملڪيتون ٿين ٿيون. اهڙي طرح بينڪن جي عوام ۽ سامراج وچ ۾ تضاد اجا بہ وڌيڪ اپريو اچن.

## جديد بينڪي نظام

ٻي مها ياري لڙائي کان پوءِ ڪيترن ئي آفريڪا، ايشيا ۽ لاطيني آمريڪا جي ڪئي ملڪن ۾ بينڪون ختم ٿي چڪيون آهن ۽ نو آزاد ملڪن جو چڱو خاصو تعداد وجود ۾ آيو آهي.
هنن ملڪن ۾ سامراجي استحصال جو هڪ نئون طريقو اپريو آهي، جنهن کي جديد بينڪي نظام چون ٿا. هي طريقو ان لاءِ ايجاد ٿيو آهي تہ سامراج دشمن تحريڪن کي دوکو ڏنو وڃي. جديد بينڪي نظام تحت سامراجي ملڪ فريب ذريعي، نو آزاد ملڪن سان بنا لالچ امداد جا وڏا وڏا وعدا ڪن ٿا، پر هن امداد جي پردي ۾ سامراجي ملڪ سازشن، ٻي جا مداخلت ۽ ڪڏهن ڪڏهن هٿيار بند الٽ پلٽ (Subversion) جو تاجو پيٽو اُٿين ٿا. مقامي طور تي سامراج جو سياسي بنياد، پس مانده ملڪن ۾ انتهائي رجعت پسند ۽ قوميت دشمن قوتن تي ٽئي ٿو. هي رجعت پسند ۽ غدار عنصر پنهنجي عوام خلاف سامراجي طاقتن سان ڳٽ جوڙ ڪيو وڃن. جديد بينڪي نظام جو اقتصادي بنياد اقتصادي ۽ فني پس ماندگي ۽ پرڏيهي سرمائي ڪاري تي آهي.
سامراجي طاقتون پوئتي پيل ملڪن کي منافقي سان امداد ڏين ٿيون. هن ”امداد“ جي ذريعي، هو وڃن گهٽو ٿيون ۽ ڏين گهٽ ٿيون. اڪثر هي امدادون غير مساوي تجارت ۽ مٿاسٽا تي مشروط ٿين ٿيون، جن جي ذريعي هڪ هٿين ۽ مقامي گماشتا سرمائيدارن لاءِ فائدو پهچائيندڙ شرط حاصل ڪيا وڃن ٿا. ان استحصال جو واحد علاج هي آهي تہ پوئتي پيل ملڪ اقتصادي خودمختياري حاصل ڪن ۽ پنهنجي فني پس ماندگي دور ڪن.

## جديد بينڪي استحصال جا طريقا

مٿي نئين بينڪيت جي استحصال مان حاصل ٿيندڙ خراج ۽ عظيم نفعي (Supper Proffit) جو ذڪر اچي چڪو آهي. هاڻ اسان ڏسنداسون ته نوس ۽ خاص طور تي سامراجي ملڪ؛ پس مانده ۽ نو آزاد ملڪن جو استحصال ڪهڙي نموني ڪن ٿا. اُهي طريقا هي آهن:

(1) سرمائي جي برآمد: سرمائي جي برآمد جو مطلب انهن ملڪن ۾ پرڏيهي ملڪن جي سامراجي ڪاري (سيڙپ) آهي. دنيا جا سڀ ترقي يافته سامراجي ملڪ ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا ۾ سرمايو لڳايو هتان وڏو نفعو ڪمائين ٿا. هن وڏي نفعي جو سبب هي هوندو آهي ته انهن پوئتي پيل ملڪن ۾ هنن کي نهايت سستي محنت ۽ سستو ڪچو مال ملي ٿو ۽ هنن لاءِ هڪ تيار مقامي بازار به ملي ٿي. ان جو نتيجو هي ٿئي ٿو ته هو ٿورن ئي سالن ۾ ئي پنهنجي سرمايي جيترو نفعو ڪمايو وٺن ۽ ان ڪان پوءِ نفعو ئي نفعو انهن ملڪن مان ڇڪجيو وڏين هڪ هٿين جي تجوڙين ۾ پهچندو رهي ٿو. ان سرمائي ڪاري ۾، انهن سان گڏ ملڪ جو گماشتو سرمائيدار ۽ جاگيردار طبقو پڻ شامل هوندو آهي. ملڪ جي محنت ڪارن ڪان جيڪو عظيم زائد قدر هي هڪ هٿيون حاصل ڪن ٿيون، ان جو هڪ تمام ٿورڙو حصو هو انهن گماشتن ۽ جاگيردارن کي به بخشش ۾ ڏين ٿيون. جنهن ڪري هي طبقا هنن جا وڏا همدرد ۽ ٻانهن ٻيلي ٻڻجيو وڃن.

(2) نابرابري وارو واپار: استحصال جو ٻيو طريقو نابرابري وارو واپار آهي. سامراجي ملڪ ترقي پذير ملڪن مان زرعي ۽ معدني ڪچو مال سستي اگهه سان خريدين ٿا ۽ پنهنجو تيار ٿيل سامان نهايت وڏي نرخ تي وڪڻن ٿا. اهڙي طرح انهن سان واپار ۾ ترقي پذير ۽ پوئتي پيل ملڪ کوٽ ۽ ناموافق توازن-ادائگي جو شڪار رهن ٿا.

(4) اڻ سڌي سرمائيڪاري: استحصال جو ٽيون طريقو هي آهي ته سامراجي ملڪ صنعتن جي ذريعي نفعو گهلڻ ڪان سواءِ بئنڪاري ۽ مالياتي اُپائن، انشورنس،

ٽرانسپورٽ رسائل جي وسيلن ۽ اهڙن ئي ٻين طريقن سان پس مانده ملڪن مان وڏيڪ نفعو ڪڍن ٿا.

(4) دفاعي خرچ: استحصال جي هن طريقي سان سامراجي ملڪ سياسي تضادن کي اُڀاري ۽ باهمي ٽڪراءُ ۽ ڪشيدگي پيدا ڪري ترقي پذير ۽ نوآزاد ملڪن کي ان ڳالهه تي مجبور ڪن ٿا ته هو پنهنجي فوجي ۽ دفاعي خرچ ۾ اضافو ڪندا رهن. ايتري قدر جو اهي هنن جي بجيٽ جو وڏو حصو هڙپ ڪري وجن. ظاهر آهي ته دفاعي ۽ فوجي خرچ يڪسر غير پيداواري ٿين ٿا. ان لاءِ هنن ملڪن ۾ ترقيءَ جي رفتار ٺپ ٿيو وجي ۽ عوام سجائي ۽ مفلسيءَ ۾ مبتلا رهن ٿا. انهن سمورن خرچن جو نفعو، انهن هٿيار پيدا ڪندڙ سامراجي ملڪن کي پهچي ٿو جيڪو گهڻو تعداد ۾ نهايت مهانگن اگهن تي هٿيار ۽ جنگ جو سامان فراهم ڪن ٿا.

(5) سرمائي جي منتقلي: گهڻن نوآزاد ۽ پس مانده ملڪن جا جاگيردار، گماشتا سرمائيدار ايتري قدر جو قومي سرمائيدار به زبردست رقمون سامراجي ۽ ترقي يافته ملڪن ۾ منتقل ڪيو ڇڏين جيڪي انهن ئي جي بئنڪن ۾ جمع رهن ٿيون. ڪڏهن ڪڏهن ته اهي بئنڪون پوري رقم ئي هڙپ ڪيو وجن. مثلاً جڏهن عراق ۾ بادشاهت ختم ٿي ته سئٽزرليند جون بئنڪون عراق جي شاهه جي جمع ڪيل هڪ وڏي رقم هضم ڪري ويون. ڇاڪاڻ ته شاهه کان سواءِ ڪنهن کي هن جو اڪائونٽ نمبر معلوم نه هو. اڄ ڪلهه به وچ اوير جي تيل جي قيمت جون سموريون رقمون آمريڪي ۽ ٻين پرڏيهي بئنڪن ۾ جمع ٿين ٿيون، جن مان هيءُ بئنڪون زبردست نفعو ڪمائين ٿيون.

(6) عياشيءَ جو سامان: پنتي پيل ۽ نو آزاد ملڪن جا جاگيردار، گماشتا سرمائيدار ۽ عيش پسند حڪمران ڪروڙين رپين جو عياشيءَ جو سامان ترقي يافته ملڪن مان خريدين ٿا. جنهنڪري هو هڪ طرف ملڪ جو قيمتي پرڏيهي ناڻو وڃائين ٿا ۽ ٻئي پاسي ان ڪري ترقي يافته سامراجي ملڪن کي اضافي نفعو ملي ٿو.

## موجوده دؤر

موجوده دؤر سرمائيداري جي عام بحران ۽ سرمائيداريءَ جو سوشلزم ۾ تبديل ٿيڻ جو دؤر آهي. هن ۾ ٻه مخالف قوتون يعني سامراج ۽ عوام وچ ۾ جملہ تضاد شديد طور تي اڀري آيا آهن. موجوده دؤر جون خاصيتون هيٺيون آهن.

(1) اسان هڪ نئين دنيا ۾ آهيون جنهن جي هڪ حصي ۾ عالمي انقلاب ڪامياب ٿي ويو آهي يعني سوشلسٽ ملڪ وجود ۾ اچي چڪا آهن.

(2) سامراجي نظام، قومي آزادي جي تحريڪ جي حملن سان پٺجي رهيو آهي.

(3) انهن ملڪن ۾ جتي سرمائيداري نظام موجود آهي، جملہ تضاد شديد طور تي اڀري آيا آهن جنهن سان سماجي تبديلي يقيني بڻجي رهي آهي.

انهن ٽن خصوصيتن مان پهرين خصوصيت سڀني کان وڌيڪ اهم قوت آهي، جيڪا ٻين ٻن خصوصيتن تي اثرانداز ٿئي پئي.

# سوشلسٽ فلسفو

## جدلياتي ماديت

ماديت ۽ عينيت: ڪائنات ۾ ٻن قسمن جون شيون مظهر آهن. هڪ اُهي جيڪي اسان جي شعور جي ٻاهران پنهنجو وجود رکن ٿا. اهڙين شين ۽ مظهرن کي مادي شيون يا مظهر چيو وڃي ٿو ۽ ان لاءِ مادي يا فطرت جو اصطلاحي نالو استعمال ٿئي ٿو. ان جي ابتڙ: خيال، جذبا، مشاهدا، تصور ٻين لفظن ۾ نفسياتي ۽ ذهني مظهرن کي شعور چون ٿا. اهڙي طرح مادو ۽ شعور ٻه مختلف قسم جون موجودات ٿيون- ڪجهه فلاسافر هي سمجهن ٿا ته مادو، شعور ۽ ذهن کي وجود ۾ آڻي ٿو، اهي فلاسافر ماديت پسند سڏجن ٿا. ان جي برخلاف ڪجهه فلسفين جو هي خيال آهي ته شعور يا ادراڪ، فطرت ۽ مادي کي وجود ۾ آڻي ٿو؛ اهي فلسفي عينيت پسند (Idealist) سڏجن ٿا.

مطالعي جا ٻه طريقا: جهڙي طرح پنهنجي طريقي جي لحاظ کان فلاسافرن جا ٻه ٽولا آهن، ساڳئي نموني ڪائنات ۽ تاريخ جي مطالعي جا به ٻه ڌار ڌار طريقا آهن. هڪ طريقو زندگيءَ کي ڄميل (جامد) ۽ اڻ بدلجندڙ سمجهي ٿو. هن طريقي کي مابعدالطبعياتي (Metaphysical) طريقو چون ٿا. ٻئي طريقي مطابق شيون ۽ مظهر ۽ زندگي بدلجندڙ آهي. هن طريقي کي جدلياتي(Dialctical) طريقو چون ٿا. جدليات اُها تعليم ۽ نظريو آهي جنهن موجب ساري فطرت ۽ معاشرو قديمي طور تي بدلجندڙ ۽ ترقي پذير مڃيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته سوشلزم، مزدور طبقي جو فلسفو آهي ۽ مزدور طبقو معاشري ۽ ڪائنات جي بدلائڻ جي قانونن جو علم حاصل ڪري انهن کي سمجهڻ ۽ بدلائڻ چاهي ٿو، ان لاءِ مزدور طبقي جو فلسفو جدلياتي ماديت آهي.

# تاريخي ماديت

دنيا جي عالمن ۽ دانشورن ۾ مارڪس ۽ اينگلز اُهي پهريان مفڪر هئا جن اهو ثابت ڪيو تہ بامقصد محنت يعني مادي شين جي پيداوار، سماج جي اقتصادي ۽ مادي بنياد آهي، جيڪو سماج جي پوري زندگيءَ جو طريقو مقرر ڪري ٿو. ان ڪان سواءِ هنن هي بہ ثابت ڪيو تہ مادي شين جي پيداوار جي نشوونما سڄي سماجي ارتقا جو اصل بنياد آهي. اهڙي نموني هي ڇٽو ٿيو تہ انسانيت جي تاريخ، ان جو اصل بنياد يعني پيداوار جي ارتقا جي تاريخ آهي. انساني تاريخ ڪنهن انفرادي شخصيت جي خواهشن، تمنائن ۽ وهمن جي بنياد تي چرپر ۾ نٿي اچي، پر هي محنت ڪارن جي پيداواري سرگرمي يعني سماجي محنت جو نتيجو آهي – هي اصول تاريخي ماديت جو اصول آهي. ان نموني سوشلسٽ فلسفو جدلياتي ۽ تاريخي ماديت تي مشتمل آهي.

## مارڪسزم

سوشلسٽ فلسفو، زندگيءَ ۾ عملي طرح مداخلت جي تعليم ڏئي ٿو، يعني ان ڪي تبديل ڪرڻ جا گُر ٻڌائي ٿو. ان طرح سوشلسٽ يا مارڪسي فلسفو هڪ ويڙهاڪ انقلابي نظريو آهي، جيڪو مزور طبقي ۽ تمام محنت ڪشن جي جدوجهد جو هٿيار ۽ انهن جي عمل لاءِ هڪ رهبر اصول آهي. هن فلسفي ڪي اسان عام طور مارڪسزم چئون ٿا.

## ليننزم

ليننزم، سوشلزم ۽ پرولتاري انقلابن يعني سرمائيداري ڪان سوشلزم ڏانهن اڏام (پرواز) ڪرڻ جي دؤر جي مارڪسزم آهي. ان طرح مارڪسزم ڪي ليننزم ڪان ڌار نٿو ڪري سگهجي؛ ڇاڪاڻ تہ ان مخصوص دؤر ۾ جنهن ڪي اسان پرولتاري انقلابن ۽ سوشلزم جو دؤر چئون ٿا، لينن مارڪسزم جي سائنسي اصول ۾ تمام قدرائتو واڌارو ڪيو. لينن ڪان پوءِ بہ مارڪسزم جي سائنسي

ارتقا بيهي نہ وئي، پر ان ڪان پوءِ بہ دنيا جي ڪميونسٽ پارٽين جا رهنما مارڪسزم کي اڳتي وڌائيندا رهن ٿا ۽ ان کي پنهنجي وقت جي زندگي ۽ ان جي مسئلن کي حل ڪرڻ جو هٿيار ۽ ذريعو بنائين ٿا ۽ هو مستقبل ۾ بہ ائين ڪندا رهندا. اهڙي طرح مارڪسي نظريو هڪ تخليقي نظريو آهي ڪو جامد ۽ نقل ڪيل نظريو نہ آهي.

## مادو ۽ شعور

مادو ڇا آهي؟ عام زبان ۾ ائين سمجهو تہ اسان جي چئني پاسي، جو ڪجھ بہ موجود آهي يعني هي سموري اڻ ڪٿ خارجي دنيا، هي سڀ فطرت مادو آهي، ٻين لفظن ۾ اُهي شيون ۽ مظهر جيڪي اسان جي شعور جي ٻاهر ۽ ان کان الڳ پنهنجي ذات سان موجود آهن، اُهي مادي شيون سڏرائين ٿيون.
هاڻي شعور کي وٺون. شعور ڇا آهي؟ خيال، جذبا، تمنائون ۽ احساس وغيره شعور سڏجن ٿا. هي اُهي مظهر آهن جن جو وجود داخلي ٿئي ٿو يعني انساني ذهن جي اندر مادي جو وجود ڪنهن ذهن يا دماغ جو محتاج نہ آهي. مثلاً سوچيندڙ کان سواءِ سوچ نٿي ٿي سگھي، پر مادي شيون پنهنجي وجود لاءِ ڪنهن ڏسندڙ اک يا سوچيندڙ دماغ جون محتاج نہ آهن. مادو، خيال جي وجود ۾ اچڻ کان گھڻو اڳ موجود هو ڇاڪاڻ تہ خيال ۽ فڪر فطرت جي ارتقا جي خاص ڏاڪي جي هڪ اوچتو ۽ ضروري (Emergent) ڪيفيت جي حيثيت سان وجود ۾ آيا. جڏهن انسان وجود ۾ آيو. تہ ڇا ان جو مطلب هي آهي تہ انسان جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ فطرت جو ڪو وجود نہ هو؟ سڀ ڄاڻين ٿا فطرت انسان کان اڳ بہ موجود هئي. ان طرح اِهو چٽو ٿيو پوي تہ مادي کي شعور تي اوليت حاصل آهي يعني مادو پهرين ۽ شعور پوءِ- خود شعور انساني جسم ۽ دماغ جي مشڪن جي چرپر تي ٻڌل آهي ٻين لفظن ۾ شعور ۽ فڪر انسان جي جسماني عضون ۽ جوارح جو محتاج آهي.

هاڻي انسان جي موت کي ئي وٺو. ڇا انسان ان لاءِ مريو وڃي جو ان جي اندران ڪا شيءِ اڏاميو وڃي؟ ائين ناهي پر هو ان لاءِ مري ٿو جو ان جا جسماني ۽ مادي عضوا مثلاً دماغ ۽ دل ڪم ڪرڻ ڇڏيو ڏين.

ان لاءِ جدلياتي ماديت جو هي اصول آهي ته اسان جو شعور ۽ فڪر، اسان جو مادي ۽ جسماني نظام يعني انساني دماغ جو نتيجو آهن. ڪڏهن توهان سوچيو آهي ته جانور، انسان وانگر ڇو نٿا سوچين، جيتوڻيڪ هن کي دماغ به ٿئي ٿو. ان لاءِ جو انساني فڪر لاءِ صرف دماغ ئي ڪافي نه آهي، پر دماغ کان سواءِ انسان کي فڪر ۽ شعور لاءِ هڪ انساني معاشري ۾ رهڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ڪو انساني ٻار اتفاق سان بگهڙن ۾ پلجي ته هو وڏو ٿي به ته صرف ڳالهائڻ پر سمجهه ۽ ڄاڻ کان به واجهيل رهندو ۽ انساني سماج ۾ زندهه به رهي نه سگهندو. ان ڪري شعور هڪ سماجي مظهر آهي.

## وجود ۽ شعور

اهڙي نموني هي ڳالهه چٽي ٿيو وڃي ته ماڻهن جي سوچڻ جو ڍنگ انهن جي رهڻي ڪهڻي جي مطابق ٿئي ٿو. ٻين لفظن ۾ هنن جو وجود سندن شعور کي مقرر ڪري ٿو. مثال طور جيڪڏهن سرمائيدارانا معاشري جو مطالعو ڪريون ته اسان محسوس ڪنداسون ته ان معاشري ۾ ذاتي فائدو ۽ مادي فائدن جي خواهش هر فرد تي ڇانيل نظر اچي ٿي. جنهن ڪري ماڻهو زر پرست ٿيو پون ۽ مجرمانه ذهنيت اختيار ڪن ٿا، پر سوشلسٽ معاشرو انتهائي بي نفس ۽ ايثار پسند قدرن جي تخليق ڪري ٿو. سوشلسٽ معاشرو جنگ، استحصال، دوکي، ظلم ۽ ذاتي فائدي کي ختم ڪري ٿو. ”جنگ کي ختم ڪرڻ، قومن ۾ امن ۽ صلح جي فضا پيدا ڪرڻ، ڦرلٽ ۽ تشدد جو خاتمو ڪرڻ، اِهي اسان جا مقصد آهن. ڇا هي مقصد اعليٰ ۽ سهڻا نه آهن؟“ (لينن)

# جدليات جا اهم قانون

**(1) مقدار جو خاصيت ۾ بدلجڻ**

مٿي ڏنوسين تہ جدليات، ڪائنات ۽ معاشري ڪي چرپر ۾ آٽيندڙ ۽ ارتقا پذير مجيندڙ، سائنس آهي. ان ارتقا ۽ نشوونما جا ڪجھ اصول ۽ قانون آهن. جن ۾ پهريون قانون مقدار جو بدلجي خاصيت ٿيڻ آهي. شروعات ۾ شين ۽ مظهرن جي اندر ئي اندر نهايت هلڪو ۽ اڻ محسوس مقداري تبديليون ٿينديون رهن ٿيون، جيڪي آهستي آهستي گڏ ٿي هڪ مرحلي تي بنيادي خاصيتي تبديليون، بڻجيو وڃن. ان جو نتيجو هي ٿئي ٿو تہ ان جي پراڻي خاصيت ختم ٿيو وڃي ۽ ان جي جاءِ تي هنن مان هڪ نئين خاصيت پيدا ٿيو پوي. تبديلي جو هي عمل آهستي آهستي ۽ ڏاڪيوار ٿيندو رهي ٿو. جنهن ذريعي اُهي مقداري تبديليون عمل ۾ اچن ٿيون جيڪي ايندڙ نئين خاصيت جي تياري جو ڪم ڪن ٿيون، پر جڏهن هي مقداري تبديليون ڪافي تعداد ۾ هڪ هنڌ گڏ ٿيو وڃن تہ هڪ فوري ۽ جلد خاصيتي تبديلي پيدا ٿئي ٿي. اهڙي طرح مقدار مان خاصيت جي تبديلي ظاهر ٿئي ٿي. هي تبديلي هميشه هڪ (Jump) چال يا ٽپ سان ٿئي ٿي. يعني ننڍيون ننڍيون قوتون گڏ ٿي اوچتو هڪ اٿل (Emergent) قوت بڻجيو وڃن. هي قوت انقلابي قوت ٿئي ٿي.

ارتقا جا ٻہ طريقا: ارتقا ۽ نشوونما جون ٻہ واٽون يا طريقا ٿين ٿا. (1) آهستي تدريجي ۽ ننڍيون مقداري تبديليون جن کي ارتقائي تبديليون چئون ٿا. (2) فوري بنيادي ۽ خاصيتي تبديليون، جن کي انقلابي تبديليون چئون ٿا. اُها تبديلي جيڪا قديم کي بنيادي طرح تباھ ڪريو ڇڏي، انقلابي ڦيرو سڏجي ٿي. ان طرح ارتقا ۽ انقلاب هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ۽ لازم ملزوم آهن. سڌارا پسند، انقلاب دشمن گروھ انقلابي جدوجهد کي بالڪل رد ڪيو ڇڏين ۽ ان بدران سندس جاءِ تي جزوي سڌارن جي تحريڪ کي پيش ڪري ٿو. هن جزوي سڌارن سان مزور طبقي کي ڪجھ ننڍا فائدا تہ ضرور حاصل ٿين ٿا، پر انهن سان سرمائيدارانا معاشري جي بنياد تي ڪوبہ اثر نٿو ٿئي. اهڙي طرح اصلاح پسندي

مزور طبقي ۾ هڪ سرمائيدار ڦيري ڪاڻ (سرمائيدارانا انحراف) جو نالو آهي، پر هن جو هي مطلب نہ آهي تہ سوشلسٽ سڌارن جي بلڪل خلاف آهن. حقيقت ۾ ائين ناهي. سوشلسٽ سڌارن کي انقلابي جدوجهد جي ضمني پيداوار سمجهن ٿا. خاص ڪري انهن سڌارن ۾ زرعي سڌارا هارين جي استحصال جي بنياد کي تبديل ڪيو ڇڏين. اصلاح پسندي جي آڏو نراجيت ۽ ڪاٻي ڌر جي مهم پسنديءَ جو نظريو آهي. هي نظريو بہ ايتروئي نقصانڪار آهي جيتري اصلاح پسندي. نراجي ۽ ڪاٻي ڌر جا مهم پسند ارتقائي عمل ڪان بلڪل انڪار ڪن ٿا. هو صرف ڇالن ۾ ئي ايمان رکن ٿا ۽ ڇالن ڪان اڳ تياري جي عمل کي بي سود سمجهن ٿا ۽ نڪي هو قوتن جي آهستي آهستي گڏ ٿيڻ ۾ يقين رکن ٿا، جڏهن تہ حقيقت ۾ جيڪڏهن منڍ ۾ تدريجي تيار ڪندڙ مقداري ۽ ارتقائي عمل نہ هجي تہ ڇال بنا تياري جي اڻ پختو عمل بڻجي رهجيو وڃي ۽ ان ڪري ناڪام ٿئي ٿي. اصل ۾ هو اِها ڳالهہ وساريو ڇڏين تہ ڇال، انقلابي عمل جي ٿاريءَ تي هڪ ميوي وانگر پچي ٿي ۽ پنهنجي پختگيءَ جي وقت ڪان اڳ وجود ۾ نٿي اچي. هن نموني ارتقائي ۽ انقلابي عمل هڪ ٻئي ڪان الڳ نٿا ڪري سگهجن ۽ هڪ جو وجود ٻئي ڪان سواءِ ممڪن نہ آهي. بنا مقداري ارتقائي تبديليءَ جي خاصيتي ۽ انقلابي ڦيرڦار ممڪن نہ آهي ۽ نہ ڪو نشوونما ممڪن آهي. انقلابي جدوجهد جو صرف تيز رخ اختيار ڪرڻ ۽ ان جي ارتقائي شڪلين کي رد ڪرڻ يعني ٻين لفظن ۾ روزمره، جي معمولي ۽ انقلابي تيارين جي ڪم کي ترڪ ڪري ڇڏڻ مهم پسندي ۽ تنگ نظريءَ کي جنم ڏيئي ٿو. انقلابي عمل ڪان اڳ درجي وار ۽ ارتقائي عملن جو هڪ پورو دؤر ٿئي ٿو، جيڪو انقلابي فتح جو رستو سنئون ڪري ٿو ۽ انقلاب جو هڪ مضبوط بنياد تيار ڪري ٿو.

ڇالن جا مختلف قسم: ڇالن جا مختلف قسم ٿين. ڪجهہ ڇال ڪافي ڊگهو وقت وٺن ٿا ۽ ڪجهہ بلڪل فوري ۽ لمحاتي ٿين ٿا. ڇالن جي وقت ۾ جيڪو فرق ٿئي ٿو ان جو دارومدار مقداري تبديلين جي قوت ۽ سطح تي آهي. مثال طور ٽن قسمن جي ڇالن جو مشاهدو ڪريو:

(1) باندر ڪان انسان بنجڻ تائين جي تبديلي يقيناً هڪ خاصيتي تبديلي آهي. يعني هڪ ڇال آهي، پر هن ۾ تمام گهڻو وقت صرف ٿيو آهي. جنهن دوران نهايت ڊگهي عرصي تائين جاندار مخلوق ۾ تدريجي مقداري تبديليون ٿينديون رهيون آهن.

(2) پاڻيءَ مان ٻاڦ يا گئس نهڻ. پاڻي 100 (هڪ سؤ درجا) سينٽي گريڊ جي گرمي تي اوچتو ٻاڦ ٿيو وڃي. هي به هڪ اهم خاصيتي تبديلي يعني ڇال آهي پر هي ڇال نهايت جلد ۽ فوري ٿئي ٿي.

(3) سرمائيداري سماج جو سوشلسٽ سماج بنجڻ يا سوشلسٽ سماج جو ڪميونسٽ سماج بنجڻ هي ٻئي ڇال آهن. يعني ٻنهي ۾ خاصيتي تبديليون ٿين ٿيون جن ۾ جلدائي يا دير ان ڪان اڳ جي ارتقائي ۽ مقداري تبديلين جي قوت ۽ سطح تي منحصر آهن.

## (2) تضادن جي وحدت ۽ تضاد

(Law of Unity and struggle of apposing)

تضاد، اهي مظاهر ۽ انهن جا اُهي پهلو آهن جيڪي هڪ ٻئي کي رد ڪن ٿا. تجربو ٻڌائي ٿو ته زندگيءَ جي تقريباً هر مظهر ۽ هر شعبي ۾ مختلف پهلو، رجحان ۽ قوتون يعني تضاد هميشه موجود ٿين ٿا. ائين ڇو آهي؟ ان لاءِ جو تضاد پاڻ ۾ ڳنڍيل ٿين ٿا ۽ مظهر ۾ گڏ رهن ٿا ورنه وري انهن جي وچ ۾ ڪو تصادم ممڪن نٿو ٿي سگهي. لڳاءُ بنا لاڳ نه آهي ۽ نه ئي رابطي ڪان سواءِ ڪو تصادم ممڪن آهي. ان ڪري جڏهن شيون ۽ مظهر هڪ ٻئي ڪان الڳ يا وڇوٽي تي هوندا ته انهن ۾ ڪا رڳڙ يا تصادم جو سوال ئي پيدا نه ٿيندو. تضادن جا هي رابطا ٻن قسمن جا آهن.

**تضادن جو اتحاد ۽ ڪشمڪش:** تضادن وچ ۾ قريبي ۽ الڳ نه ٿيندڙ تعلق، تضادن جو اتحاد يا وحدت سڏجي ٿو- هي وحدت هر زنده شيءِ ۾ جاري ۽ ساري آهي. هر زنده شيءِ ۾ ٻن قسمن جون قوتون ٿين ٿيون: ڳريل سڙيل ۽ زواليت ڏانهن ويندڙ قوتون ۽ نيون، توانيون ۽ اسرندڙ قوتون. مثال طور انساني جسم يا ان

جي ڪنهن حصي کي وٺو. هن ۾ ڪي خليا مرندا رهن ٿا ۽ ڪجهه نوان خليا پيدا ٿيندا رهن ٿا. جيڪڏهن پراڻا خليا تباهه ۽ ختم نه ٿين ته نوان ڪڏهن به پيدا نه ٿي سگهندا. ان ڪري پراڻن خلين جي تباهه ٿيڻ واري عمل کي روڪي نٿو سگهجي ورنه انسان جو جسم ۽ ان جا حصا ارتقا کان محروم ٿي مري ويندا. مثال طور سرمائيدارانا نظام کي وٺو. هن نظام ۾ برائي ۽ چڱائي اهڙي نموني ڳتيل آهن جو ڌار ڌار نه ته چڱائيءَ کي وڌائي سگهجي ٿو ۽ نه برائيءَ کي ختم ڪري سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ ته سرمائيدارانا نظام ۾ اهي ٻئي تضاد لازم ملزوم آهن. ان ڪري انهن مان هڪ کي ختم ڪرڻ ممڪن نه آهي، هن کي پوري جو پورو ختم ڪرڻو پوندو.

اهڙي نموني تضادن جي وحدت مان هي مراد آهي ته تضاد هڪ واحد متصادم عمل ۾ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ٿين ٿا ۽ اهي ان لڳاءُ سان ان متضاد شيءِ کي قائم رکن ٿا.

جيستائين تضادن جي ڇڪتاڻ جو سوال آهي، ان جو هي مطلب آهي ته هر تضاد پنهنجي عمل يا مظهر ۾ غلبو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اها ڪوشش يا جدوجهد هميشه جاري رهي ٿي، ڪڏهن به بند نٿي ٿئي ۽ ان سان ان عمل يا مظهر جو بنيادي بي ڊولو جسم نهي ٿو.

**ارتقا جو وسيلو:** تضادن جي باهمي وحدت ۽ جدوجهد جي قانون جو اهم نڪتو هي آهي ته هر شيءِ ۽ هر عمل ۾ اندريان لڪل متضاد پهلو جاري ۽ ساري آهن ۽ انهن جي باهمي ڇڪتاڻ ان شيءِ جي عروج ۽ نشوونما جو داخلي وسيلو ۽ هن ۾ چرپر آڻيندڙ قوت آهي. لينن هن قانون کي جدليات جو اصل بنياد قرار ڏنو آهي.

**تضادن جي اهميت جا درجا:** غور سان ڏنو وڃي ته اسان جي چئني پاسي ڪيترائي ۽ رنگا رنگ تضاد ملن ٿا. اهميت جي لحاظ سان خاص ۽ بنيادي تضادن کي چونڊڻو پوي ٿو يعني اُهي تضاد جن جي بنياد تي هر ڪنهن نظام جي نشوونما جو مدار آهي. مثلاً اڄوڪي دؤر ۾ چار اهم تضاد ملن ٿا:

1- دنيا ۾ ٻن مختلف نظامن – سوشلزم ۽ سرمائيداري نظامن جو تضاد، يعني: سوشلسٽ ۽ سرمائيدار ملڪن جو تضاد.
2- سرمائي ۽ محنت يعني سرمائيدار ۽ مزدور جو تضاد.
3- سامراج ۽ بيٺڪي ملڪن نئين آزاد ملڪن جو تضاد.
4- سرمائيداري نظام جو باهمي تضاد.
انهن تضادن ۾ پهريون تضاد يعني سوشلسٽ ملڪن جو تضاد سڀني کان اهم آهي، ڇاڪاڻ ته عالمي سوشلزم ۽ عالمي سامراج جي باهمي ڇڪتاڻ اسان جي دؤر جو لازمي پهلو آهي. هي عالمي پيماني تي طبقاتي جدوجهد جو بنيادي نقطو آهي، ڇاڪاڻ ته طبقاتي قوتون ان عالمي ڇڪتاڻ ۾ سڀني کان وڌيڪ مضبوطي سان منظم ۽ هڪ هنڌ گڏ ٿيون آهن. ان نموني ٻيا ٻه تضاد ٻه درجي وار اهميت رکن ٿا يعني پهرين تضاد کان پوءِ اهم تر تضاد سرمائيدار ۽ مزدور جي ڇڪتاڻ آهي ۽ ان کان پوءِ سامراج ۽ بيٺڪن جي عوام جي ڪشمڪش آهي. اهميت جي لحاظ کان سڀني کان آخر ۾ سرمائيدار نظام جو باهمي تضاد آهي.

**داخلي ۽ خارجي تضاد:** انقلاب هميشه ڳوڙهي اندروني تضادن جي نشوونما جو نتيجو ٿئي ٿو، ان ڪري انقلاب ڪڏهن به ڪنهن ملڪ ۾ ٻاهران ڪونه آڻي سگهبو آهي ۽ ان ڪري سوشلسٽ ڪنهن ملڪ ۾ نه ته انقلاب برآمد ڇاهين ٿا ۽ نه جوابي انقلاب. (Counter Revolution)
اهو صحيح آهي ته سامراجي ملڪن جا باهمي تضاد ۽ انهن جا هڪ ٻئي سان ويڙها ۽ اختلاف عالمي پيماني تي اڀرندا رهن ٿا. اهي خارجي (ٻاهريان) تضاد آهن جيڪي ڪنهن ملڪ جي انقلابي جدوجهد ۾ معاون ۽ مددگار ٿين ٿا، پر هر ملڪ ۾ فيصلو ڪندڙ ڪردار انهن داخلي تضادن جو هوندو آهي، جيڪي آڳرين تي ڳڻڻ جيترن هڪ هٿي وارن ۽ عوام جي عظيم تعداد وچ ۾ ان ملڪ ۾ اڀرن ٿا، يعني اُهي تضاد جيڪي هر ڪنهن ملڪ جي عوام ۽ عالمي سامراجي ملڪن جي وچ ۾ آهن.

**مخالف ۽ غير مخالف تضاد:** جيئن مٿي لکيو ويو آهي تہ تضاد پاڻ ۾ ڳنڍيل ۽ ٽڪرجندڙ ٿين ٿا، پر تضاد هميشہ مخالف نٿا ٿين. مخالف تضاد اُهي ٿين ٿا جن ۾ اتحاد نہ ٿيندڙ ٽڪرن جي ڇڪتاڻ ٿئي ٿي. انساني معاشري ۾ مخالف يعني اتحاد تضادن، مخالف سماجي قوتن يعني طبقن وچ ۾ ٿئي ٿي. سرمائيدار معاشري ۾ هي تضاد مزدورن ۽ سرمائيدارن وچ ۾ ٿئي ٿو، جن کي ڪڏهن ختم نٿو ڪري سگهجي.

غير مخالف تضاد مخالف تضادن کان ان معنيٰ ۾ مختلف ٿين ٿا جو هو انهن سماجي قوتن ۽ رجحانن وچ ۾ ملن ٿا، جن جو مفاد مشترڪ ٿئي ٿو.

مخالف تضادن جو وڌڻ ۽ گهرو ٿيڻ ارتقا جو عام قانون آهي. انهن تضادن سببان تصادم ۽ ٽڪر ٿين ٿا. آخر ۾ اهي تضاد هڪ سخت هيبت واري جدوجهد سان حل ٿين ٿا، جنهن جو انجام انقلاب ٿئي ٿو. مخالف تضاد لاڳاپن جي پراڻي ڍانچي اندر حل نٿا ڪري سگهجن. انهن جو حل مڪمل طرح ان وقت ئي ممڪن آهي جڏهن هي پراڻا رشتا (لاڳاپا) هڪ انقلاب ذريعي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏجن، پر انهن تضادن جي حل جي طريقن ۽ واٽن ۾ هر هنڌ فرق ٿي سگهي ٿو. هي فرق ڪنهن مخصوص ملڪ ۾ هتي جي مخصوص حالتن تي مدار رکي ٿو. ان جو بہ امڪان آهي تہ هي تضاد پرامن طريقي حل ڪري سگهجن. مثال طور الجزائر ۽ ويٽ نام جهڙن ملڪن کي ورتو وڃي. هتي سامراج ۽ بيٺڪن جي عوام جي تضاد جو حل هڪ هٿياربند ۽ خوني جنگ ذريعي ڪيو ويو. ائين ئي ٻين گهڻن ملڪن ۾ ٿيو، جڏهن تہ هندستان ۽ پاڪستان ۾ اِهوئي تضاد غير مسلح جدوجهد ذريعي حل ٿيو.

جيستائين غير مخالف تضادن جو تعلق آهي اهي تعليم، تنقيد ۽ خود تنقيد ذريعي حل ڪيا وڃن ٿا. مثلاً هڪ سوشلسٽ سماج ۾ مزدور ۽ هارين وچ ۾ جيڪي تضاد ٿين ٿا، اُهي غير مخالف قسم جا ٿين ٿا ۽ انهن کي دوستاڻي طريقي سان حل ڪيو وڃي ٿو.

اهڙي طرح واضح ٿيو تہ مخالف قوتن جي باهمي ميلاپ ۽ ڇڪتاڻ جو هي مطلب آهي تہ پراڻا ۽ مدي خارج عنصر تباهہ ۽ ختم ٿين. ان جي جاءِ تي نوان ۽

اسرندڙ، توانا عنصر وجود ۾ اچن ٿا. اهوئي ارتقا جو اندروني ۽ لڪل وسيلو آهي. جيڪڏهن ڪو هي چوي ته پراڻا عناصر تباهه نه ٿين ته ان جو مطلب هي ٿيندو ته نوان عناصر وجود ۾ نه اچن، ڇاڪاڻ ته پراڻن عنصرن جي خاتمي بنا نوان عناصر وجود ۾ نٿا اچي سگهن. اهڙي طرح جسم ۾ جيڪڏهن پراڻا خليا ختم نه ٿين ته نوان خليا وجود ۾ نٿا اچي سگهن. اهڙي نموني جيڪڏهن وڻن جا پراڻا پن نه ڪرن ته انهن ۾ نوان گونچ نڪري نٿا سگهن. جنهن جو نتيجو هي ٿيندو ته انسان جو جسم ۽ وڻ سڙي ڳري رهجي ويندا. هو نشوونما حاصل ڪري نه سگهندا. ان لاءِ اُهي جيڪي ناڪاره ۽ مدي خارج آهن انهن ڪي مٽائڻو آهي ته جيئن اُهي جيڪي تازا ۽ توانا آهن، پيدا ٿي سگهن.

هي تارا ٽوڙي نئون آفتاب پيدا ڪر

# جدليات جا قانون

### نفيءَ جي نفيءَ جو قانون

(Law of the Negation of the Negation)

نفيءَ جي نفيءَ جي قانون جو بنيادي مطلب هي آهي تہ ارتقا ۽ نشوونما جي عمل ۾ هر بلند سطح پاڻ کان پهرين تمام گهٽ سطح کي رد ڪري ٿي يعني ان جي نفي ڪري ٿي. اهڙي طرح قديم ۽ پراڻو عنصر ختم ٿئي ٿو ۽ جديد ۽ توانو عنصر وجود ۾ اچي ٿو. اِها تجديد يعني ڊاهہ ناهہ جو عمل، دنيا ۾ مسلسل جاري رهي ٿو، پر جدلياتي نفي صرف قديم جي ڊاهہ نٿي ڪري، پر جديد جو ناهہ بہ آهي.

مثال طور فطرت ۽ سماج ۾ تمام نوان مظهر پنهنجا قدرتي رستا طيءِ ڪن ٿا يعني هو پوڙها ٿي نون عنصرن ۽ قوتن لاءِ جاءِ خالي ڪن ٿا ۽ جهڙي نموني هنن پنهنجي وجود کان قديم عنصر کي هڪ ڀيرو رد ڪيو هو، هاڻي هو خود، هڪ پاڻ جديد تر، مضبوط تر ۽ تازه تر قوت يا مظهر جي هٿان رد ڪيا وڃن ٿا يعني هنن جي نفي پئي ٿئي. مثال طور ڪڻڪ فصل جي نشوونما جي مثال کي آڏو رکو، جنهن ۾ ٽي (3) درجا ٿين ٿا: (الف) ٻج جو ڦٽي طاقت وٺڻ. (ب) ٻوٽن جو ايرڻ (ج) پوک جو پچي راس ٿيڻ – هاڻي ڏسون تہ جڏهن ٻج ڦٽڻ ڏانهن وڃي ٿو ۽ ان مان سلو نڪري ٿو تہ ٻج جو داڻو غائب ٿيو وڃي. هي پهرين نفي آهي جنهن ۾ جيڪو ان پوکيو ويو هو غائب يا رد ٿيو وڃي ۽ ان جي جاءِ تي هڪ ٻي شيءِ ظاهر ٿئي ٿي. ان کان پوءِ ڏنديون ۽ ٻوٽا ڦٽن ٿا وري ٻوٽن ۾ گل ۽ ٻور ٿين ٿا ۽ اُهي زرخيز ٿيو پون ۽ آخر ۾ پوک پچي راس ٿي ٿئي، ان وقت ڏانديون ۽ ٻوٽا ڪومائجيو وڃن يعني رد ٿيو وڃن. هي ٻي نفي آهي ۽ ظاهر آهي تہ هي پهرين نفيءَ جي نفي آهي. شروع ۾ پوکڻ وقت بہ اَن جو داڻو موجود هو ۽ آخر ۾ بہ پوک پچي راس ٿيڻ وقت ۽ لاباري وقت اَن جو داڻو ٻيهر موجود ٿيو وڃي. فرق هي آهي پوکڻ وقت داڻن کان تمام گهٽي مقدار ۾ ٿئي ٿو. پوک جي هن عمل مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اَن هڪ هيٺائين سطح کان مٿاهين سطح تائين

پهچي ٿو. مشهور جرمن مفڪر ۽ فلاسافر هيگل جي زبان ۾ جيڪو جدليات جو باني هو: جنهن شيءِ جي سيني ڪان پهرين نفي ٿئي ٿي سا ”ٿيسس“ (Thesis) سڏجي ٿي ۽ جيڪا شيءِ هن کي رد ڪري ٿي يعني هن جي نفي ڪري ٿي، ان کي ”ائنٽي ٿيسس“ (Anti-Thesis) چئبو آهي ۽ آخر ۾ جيڪا شيءِ ائنٽي ٿيسس کي بہ رد ڪري ٿي يا نفي ڪري ٿي، ان کي ”سين ٿيسس“ (Syen-Thesis) چئون ٿا.

**جدلياتي نفي:** نفي صرف تڏهن جدلياتي ٿئي ٿي جڏهن هو ارتقا ۽ نشوونما جو هڪ وسيلو بڻجي. ائين تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن هو واڌو قابل قدر ۽ توانن عنصرن کي قائم رکي. اهڙي طرح نفي رڳو تباهہ ڪاري نہ آهي. پر جيئن اڳ چيو ويو آهي تہ هو تخريب (ڊاهہ) سان گڏ تعمير (ٺاهہ) بہ آهي ۽ تخريب ۾ هو مثبت (نفيءَ جو ضد) پهلوئن کي هميشه باقي رکي ٿي. ساڳي طرح سوشلزم صرف تباهہ نٿو ڪري، پر هڪ نئين سماج جي تعمير بہ ڪري ٿو. مثال طور سرمائيدارانا ارتقا ۽ ڊاهہ جي حالت کي ڏسو: شروع ۾ سرمائيدار، دستڪارن ۽ هارين کي پيداواري وسيلن ڪان محروم ڪري سيني پيداواري وسيلن ۽ معاشي وسيلن تي قبضو ڪريو وٺن يعني هو ٻين کي ملڪيت ڪان محروم ڪيو ڇڏين. مزدور طبقو اقتدار حاصل ڪري انهن سرمائيدارن کي سڀني ملڪيت ۽ پيداواري وسيلن ڪان محروم ڪيو ڇڏي. اهڙي طرح محروم ڪندڙن کي محروم ڪيو وڃي ٿو ۽ نفي ڪندڙن جي نفي ڪئي وڃي ٿي. هاڻي جيڪڏهن هيگل جي اصطلاحن کي ڏنو وڃي تہ سرمائيدار ”ٿيسس“ آهي ۽ مزدور طبقو آئنٽي ٿيسس. ان ڪان اڳ جاگيرداري نظام ٿيسس هو ۽ ابتدائي جنسي پيداوار جو نظام ائنٽي ٿيسس هو. ابتدائي جنسي پيداوار جي نظام، جاگيرداري رشتن جي نفي ڪئي ۽ آخرڪار سرمائيداري نظام پنهنجي موجوده شڪل ۾ ابري ظاهر ٿيو، جنهن کي اسان سين ٿيسس چئي سگهون ٿا. اهڙي نموني مزور طبقو اقتدار ۾ اچي سرمائيدارن کي ملڪيت ڪان محروم ڪريو ڇڏي ۽ هڪ نئين سماج کي وجود ۾ آڻي ٿو يعني سوشلسٽ سماج – اهو سوشلسٽ سماج سين ٿيسس آهي. ان عمل ۾ صرف هڪ ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ جنهن وقت نفي

جي نفي ٿئي ٿي تہ حالتون نفي جي نفي ڪان اڳ جهڙيون نٿيون رهن يعني نفيءَ جي نفيءَ ڪان اڳ وارو نظام موٽي نٿو اچي، پر ان ڪان وڌيڪ بهتر نظام قائم ٿئي ٿو. نيڪ ائين مزور طبقو سرمائيدارن کي محروم ڪري خود ان جي جاءِ تي سرمائيدار نٿو بڻجي ۽ نہ ڪو هاري بڻجي ٿو، پر هو هڪ نئين ۽ بهتر نظام جو خالق هوندو آهي؛ جنهن ۾ اڻ هوند، استحصال ۽ سرمائيدارانا نفعي خوري ۽ انفراديت جو خاتمو ٿيو وڃي ۽ جنهن ۾ نجي ملڪيت سماجي ملڪيت بڻجيو پوي ٿي.

## جدليات جا اصول

سبب ۽ نتيجو (Cause and Effect): سبب ان مظهر کي چون ٿا جيڪو ڪنهن ٻئي مظهر کي پيدا ڪري، ان کي وجود ۾ آڻي يا ان جو خالق هجي. سبب جنهن شيءِ کي پيدا ڪري ٿو، ان کي نتيجو چون ٿا. بنا سبب جي ڪا شيءِ ممڪن نہ آهي. سبب کي فقط بهاني سان گاڏڙ ساڏڙ نہ ڪرڻ گهرجي. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن بهاني کي اصل سبب کي لڪائڻ لاءِ هڪ پوش وانگر استعمال ڪيو وڃي ٿو. جيئن اڪثر جنگين جا ڪي فوري سبب تاريخ ۾ بيان ڪيا ويا آهن جيڪي محض بهانا آهن. جڏهن اصل سبب سرمائيدار ڌاڙيلن درميان دنيا جي بازارن جي ورهاست ۽ بينڪن جي عوام جو استحصال آهي.

نتيجو، جيتوڻيڪ سبب جي پيداوار ٿئي ٿو، پر پنهنجي ليکي هو خود سبب تي اثر وجهي ٿو. جيئن شعور، جيڪو مادي ۽ سماجي زندگيءَ جي پيداوار آهي پر شعور عوام جي عظيم تعداد کي چرپر ۾ آڻڻ جي هڪ زبردست قوت آهي. مطلب تہ نتيجا خود ڪارڻ بنجن ٿا ٻين نتيجن جا. مثلاً هٿيارن جي ڊوڙ جيڪا جنگي چڪتاڻ جو نتيجو ٿئي ٿو، پر اهو ان جو سبب بہ ٿئي ٿو. ان ڪري جيڪڏهن هٿيارن جي ڊوڙ ۾ ڪمي ڪري ڇڏجي تہ ان سان جنگي چڪتاڻ ۾ بہ ڪمي ٿئي ٿي.

صحيح سببن جي سڃاڻپ ۽ پرک پروڙ نہ ڪرڻ ڪري ضعيف العتقادي ۽ جادو وغيره تي ايمان ۽ ويساه پيدا ٿئي ٿو. مثلاً گهڻو اڳ قدرتي مظهرن جهڙوڪ

زلزلي يا طوفان وغيره جا اصلي سبب جيستائين ماڻهن کي معلوم نہ ٿيا هو انهن کي مافوق الفطرت هستين جي قهر جو نتيجو سمجهندا هئا.

وجوب ۽ اتفاق (Necessity and Chance): وجوب اُهو نتيجو آهي جيڪو گهرن سببن ۽ لاڳاپن سان پيدا ٿئي ٿو ۽ اهڙي طرح ڪنهن مظهر جي اندروني فطرت يا ان جي بنياد مان پيدا ٿئي ٿو. ائين جيڪا ڳالهہ واجب آهي ان جو وجود ۾ اچڻ ضروري آهي، جڏهن تہ ان جي مقابلي ۾ ڪا اتفاقي شيءِ بہ وجود ۾ اچي سگهي ٿي ۽ نہ بہ، ڇاڪاڻ تہ ان جو وجود ۾ اچڻ اندروني فطرت يا بنياد تي ٻڌل نہ آهي، پر ٻاهرين اتفاقن تي ٻڌل آهي.

رات ڪان پوءِ ڏينهن، سرءُ ڪان پوءِ بهار ۽ سرمائيداريءَ ڪان پوءِ سوشلزم واجب آهي. ان ۾ اتفاق جو ڪو سوال نہ آهي- جيڪي مظهر واجب آهن ۽ جن جو وجود ۾ اچڻ ضروري آهي، هنن جو ۽ وجوب جي قانون جو ادراڪ، انسان کي فطرت ۽ تاريخ تي قابو بخشي ٿو. انهيءَ ڪري ئي اينگلز هي قول دهرايو آهي تہ وجوب جو ادراڪ آزاد آهي.

جيستائين اتفاقي حادثن جو سوال آهي ان تي ڪنٽرول يا روڪ نٿي ٿي سگهي، پر سماجي ۽ فطري علم ذريعي هنن جي امڪانن کي گهٽ ضرور ڪري سگهجي ٿو.

## هيئت (شڪل) ۽ معنيٰ

(Form and Content)

ڪنهن جون لازمي خصوصيتون، اهم اندروني پهلو ۽ جزا ان جي معنيٰ سڏجن ٿا، پر معنيٰ ڪنهن مناسب ۽ موقعي تي هيئت جي موجود نٿي رهي سگهي. مثال طور ڪنهن جاءِ جا سڀ تعميري جزا (معنيٰ) جاءِ نٿي سڏجي. جيستائين هو مناسب شڪل يا هيئت اختيار نہ ڪن. يعني جيستائين سيني تعميري جزن کي مناسب طريقي سان گڏي جاءِ جي شڪل ۾ نہ آندو وجي. ان مان واضح ٿيو تہ هيئت ڪنهن شيءِ جي ترڪيبي جزن جي جوڙجڪ ۽ سٽاءُ جي طريقي جو ٻيو نالو آهي، جنهن ذريعي معنيٰ، يعني اندروني عنصر جو وجود ممڪن ٿئي ٿو.

معنيٰ، ڪنهن شيءِ جو اصل جوهر آهي ۽ هيئت (شڪل) ان تي ٻڌل ۽ منحصر آهي، پر هڪ ئي معنيٰ جون مختلف شڪليون ٿي سگهن ٿيون. مثال طور انقلاب کي ونو. ان جا طريقا مختلف ٿي سگهن ٿا. ڪڏهن هي هٿياربند جدوجهد ذريعي ۽ ڪڏهن پرامن طريقي سان وجود ۾ اچي ٿو. ساڳيو حال سوشلزم جي تعمير جو آهي. جيڪو مختلف ملڪن ۾ مختلف حالتن جي اثر هيٺ مختلف طريقو اختيار ڪري ٿو. بهرحال ان ڳالهه جو لحاظ رکڻ ضروري آهي تہ سامراج ۽ سرمائيداريءَ خلاف جدوجهد جو وقت تي طريقو يا شڪل وڏي اهميت رکي ٿي ۽ جدوجهد جي ڪاميابي يا ناڪامي جو اڪثر جدوجهد جي طريقي جي صحيح يا غلط چونڊ تي مدار ٿئي ٿي ۽ جدوجهد جو صحيح ڏانءُ سرمائيدارانا آمريت جي هيئت تي ٻڌل آهي.

معنيٰ ۽ هيئت اڪثر هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ۽ هم آواز ٿين ٿا، پر معنيٰ جي جدلياتي نشوونما ڪري اڪثر هيئت يا صورت بدليل معنيٰ لاءِ بي موقعي ۽ هن جي راهه ۾ هڪ رڪاوٽ بڻجيو وڃي ٿي. اهڙي مرحلي تي معنيٰ ۽ هيئت ۾ هڪ مخالفانہ تضاد پيدا ٿئي ٿو، جنهن سان معنيٰ ۽ هيئت جي باهمي ڇڪتاڻ وجود ۾ اچي ٿي. جنهن ڪان پوءِ ڳريل سڙيل ۽ ڪم ڪان ويل هيئت بدلجيو وڃي. مثلاً: پيداواري قوتن جي ارتقا لاءِ سماج جو جاگيردارانا ڍڪ بي وقتو ۽ نامناسب هو. ان لاءِ ان کي ختم ڪيو ويو. وڌندڙ پيداواري قوتن جي ارتقا لاءِ سرمائيداري سماج جي هيئت وڌيڪ موزون هئي، پر پيداواري قوتن يعني؛ معنيٰ جي وڌيڪ ارتقا ڪان پوءِ سماج جي سرمائيداري شڪل ڳري، مدي خارج ٿي پرن جي زنجير ٿي ويئي، انڪري هڪ انقلابي جدوجهد ذريعي سرمائيداري سماج کي ختم ڪري ان جي جاءِ تي سوشلسٽ سماج جي تعمير ڪرڻ ضروري ٿي ويو.

معنيٰ ۽ هيئت جي باهمي لاڳاپي ۽ ڇڪتاڻ، غير مخالف ۽ مخالف تضادن جو باهمي عمل ۽ ردعمل ائين ئي جاري ۽ ساري رهي ٿو.

**ادراڪ جو نظريو** (Theory of Cognition)

عينيت پسند فلاسافرن جو اهو گروهه جيڪو متشڪڪ (شڪ ڪندڙ) سڏجي ٿو، هي نظريو رکي ٿو ته خارجي حقيقت يعني هن دنيا کي سمجهي ۽ ان جو ادراڪ حاصل ڪري نٿو سگهجي. ليڪن اسان هي چئون ٿا ته هن دنيا کي سمجهي سگهجي.

انسان پنهنجي محنت يعني پنهنجي سرگرمي ۽ سماجي عمل جي ڪري پنهنجي چوڌاري جي دنيا جي اصل بنياد تي عبور حاصل ڪريو وٺي ۽ چڱي طرح ان حقيقت کي سمجهيو وٺي. اهڙي نموني انقلابي عمل يعني جدوجهد، نه صرف علم ۽ ادراڪ جو بنياد آهي، پر ان جي ذريعي اسان پنهنجي چوڌاري جي دنيا کي بدلائي پڻ سگهون ٿا، پر هن جو مطلب اهو ناهي ته اسان نظريي جي اهميت کي گهٽائي ڇڏيون. نظريي ۽ عمل ۾ هڪ برابري ۽ اتحاد آهي. نظريو، عمل سان پيدا ٿئي ٿو، پر ان سان گڏ عمل جي واٽن کي روشن ڪري ٿو ۽ عمل جي رهبري ڪري ٿو. نظريو بناعمل جي هڪ مرده قوت آهي ۽ عمل، بنا نظريي جي هڪ انڌو عمل آهي. انقلابي نظريو بذات خود دنيا جي مزور طبقي جي عملي جدوجهد تان ورتل نتيجن تي ٻڌل آهي.

نظريو عمل ۾ تبديل ٿيو وڃي ۽ وري عمل ئي ان جي سچائي جي ڪسوٽي آهي.

## سچائي (Truth) ۽ ان جو معيار

سوشلزم وٽ سچائي هميشه خارجي وجود رکي ٿي. خارجي حقيقت ئي اُها حقيقت آهي جيڪا اصليت سان شامل ٿئي ٿي.

جيئن ته مٿي ٻڌايو ويو آهي ته عمل ۽ زندگي ڪنهن نظريي جي سچائي جي ڪسوٽي آهي. سچائي جو ٻيو اهم پهلو هي آهي ته سچائي هميشه نوس حالتن ۽ وقت ۽ مقام تي منحصر ٿئي ٿي. سچائي جو ڪو خلائي تصور نه آهي، پر سچائي هميشه نوس ۽ خاص حالتن جي تابع ٿئي ٿي.

مارڪسسٽ! يعني سوشلسٽ فلسفي خصوصيت

مارڪسي فلسفي جو بنيادي گڻ هي آهي تہ هي فلسفو تقليدي نہ آهي، پر تخليقي آهي. ان ۾ ڪي بہ اهڙا نسخا نہ آهن جن کي استعمال ڪري ڪاميابيءَ تائين پهتو وڃي، پر ان جي مدد سان خاص تجزيو ۽ ڇنڊڇاڻ ڪري سگهجي ٿي؛ جنهن ڪان پوءِ صحيح عمل جون راهون مقرر ڪري سگهجن ٿيون. اهڙي طرح مارڪسسٽ فلسفو هر يڪ ٽڪ نسخي کي رد ڪري ٿو. هي ايرنڊڙ تحريڪن جي ڇنڊڇاڻ ڪري ٿو ۽ ان مان سائينٽيفڪ نظريو حاصل ڪري ٿو.

# رياست جو نظريو

**بنياد ۽ مٿاهون ڍانچو** (Super Structure)

انسان جي معاشي ۽ پيداواري سرگرمي ۽ ان جا پيداواري ناتا سڄي سماجي زندگي جو بنياد فراهم ڪن ٿا. ان بنياد تي سماجي زندگي جي مٿاهين ڍانچي جا سڀ پهلو مثلاً اخلاقيات، سياست، جماليات، فلسفو ۽ ادب وغيره ٺين ٿا. هي ظاهر آهي تہ مٿاهون ڍانچو بنياد جي ماتحت ۽ انهن جي مطابق ٺئي ٿو يعني سماج جي بنيادي معاشي سرگرمي ۽ ان جي پيداواري طريقي هيٺ ۽ مطابق ٺئي ٿي. مارڪسزم ۾ جدلياتي ماديت جي بنيادي حقيقت ظاهر ڪئي ويئي آهي.

پيداواري عمل پهرين حيثيت رکي ٿو ۽ نظريو ثانوي. ان ڪري ئي زندگي اول آهي ۽ شعور پوءِ.

هن نظريي جو مطلب هي آهي تہ غالب طبقو جيڪو پيداواري وسيلن ۽ پيداوار جو مالڪ آهي، سماجي شعور جي سڀني شعبن جي وجود ۽ ان جي معنيٰ کي مقرر ڪري ٿو ۽ ان لاءِ پنهنجي معاون ۽ مددگار ۽ موزون مٿاهين ڍانچي کي وجود ۾ آڻي ٿو. اهڙي طرح انسان جي شعوري ۽ سماجي زندگي جو ڪوبہ شعبو آزاد ۽ غيرجانبدار نہ آهي، پر هي غالب طبقي جي مفاد کي قائم رکڻ لاءِ هڪ تنظيمي ۽ اشاعتي عمل آهي. انسان جي سماجي زندگي جي انساني شعبن ۾ رياست هڪ اهم ادارو آهي.

**رياست ڇا آهي؟** رياست بابت مختلف سرمائيدارانا نظريا آهن. سياسي سائنس جيڪا سرمائيدارانا دور ۾ ڪافي عروج تي پهتي آهي، ان ڳالهہ کي ثابت ڪرڻ ۾ لڳل آهي تہ سڀ رياستون انسان جي بنيادي وحشيانہ خود غرض ۽ جهيڙاڪ فطرت سببان وجود ۾ آيون تہ جيئن انسانن جي وحشيانہ جبلت مان پيدا ٿيندڙ بدامني، ضمني انتشار ۽ زندگي ۽ ملڪيت جي اڻ تحفظ کي دور ڪري سگهجي. اهڙي طرح رياست هڪ مٿاهين طاقت جي حيثيت سان وجود ۾ آئي يا فتح ذريعي، پر ان جو مقصد ساڳيو هو. اهڙي طرح رياست کي هڪ اهڙي اداري جي حيثيت ۾ پيش ڪيو ويو جيڪو انسان جي مڪمل انفرادي آزاديءَ تي

روڪ ۽ پابندي لڳائي ٿو، تہ جيئن انساني سماج جي بهبودي حاصل ٿي سگهي. ڪجهہ ٻين ماهرن رياست کي خاندان جي عروج ۽ ڦهلاءَ ڪري وجود ڏنو آهي يا فتح سان- خاندان جي ڦهلاءُ واري نظريي مطابق جهڙي نموني خاندان ۾ پيءُ جي حڪمراني ٿئي ٿي ساڳئي نموني رياست ۾ خانداني پيءُ جهڙو حڪمران ٿئي ٿو جيڪو تقريباً اُهو ڪم ڪري ٿو جيڪو ڪٽنب ۾ پيءُ ڪري ٿو، يعني: ڪٽنب جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ خاندان جي ماڻهن ۾ توازن ۽ انصاف قائم رکڻ.
بهرحال رياست جي نظام جي سياسي ارتقا جي تاريخ انهن نظرين کي رد ڪيو ڇڏي.

**رياست جي تاريخ:** تاريخ ان ڳالهہ جي شاهد آهي تہ سماج ۾ هميشه کان رياست نہ هئي. فطري معاشيات يعني ابتدائي اشتراڪيت جي دور ۾ ڪا رياست نہ هئي. رياست جا آثار ان وقت ظاهر ٿيا جڏهن معاشرو طبقن ۾ ورهائجي ويو ۽ نجي ملڪيت جو ادارو وجود ۾ آيو. مصر ۾ فرعونن جون عظيم رياستون، يونان ۾ شهري رياستون، هندستان ۾ رامائڻ ۽ مهاڀارت جي زماني جون سلطنتون ۽ عظيم رومن جمهوريت ۽ شهنشاهيت غلام ۽ پلي بين معاشري ۾ اڀريون ۽ اٿيون. ان کان پوءِ جاگيردارانا رياستون وجود ۾ آيون. مثلاً فرانس برطانيہ ۽ عهد وسطيٰ (وچيون وقت) جو پرشيا (جرمني) يعني تقريباً چوڏهين صدي تائين يورپ ۾ ۽ ان کان گهڻي پوءِ تائين ايشيا ۾ جاگيردارانا رياستن جو زمانو هو. ان کان پوءِ سرمائيدارانا سماج اولهہ يورپ ۾ وجود ۾ آيو جنهن سرمائيدارانا قومي رياستن کي پيدا ڪيو. سرمائيداري جي اُڀار سان گڏوگڏ قوميت ۽ قومي رياست جو تصور اڀري سامهون آيو.

**مختلف دورن جي رياستن جو باهمي فرق:** غلامي واري معيشت جي دؤر ۾ وڏيون وڏيون سلطنتون وجود ۾ آيون جيڪي عظيم فاتحن جي فوجي طاقت جي سهاري ڦهلجي ويندڻون هيون. هنن رياستن جو مقصد هي هو تہ فتح ڪيل علائقن مان ڌن دولت لٽيو وڃي ۽ هتان ٻانهيون ۽ غلام هٿ ڪيا وڃن، ڇاڪاڻ تہ ان زماني ۾ رياست جو بنياد غلامي جي پيداواري وسيلن ۽ نجي ملڪيت تي هو.

جاگيردارانا دؤر ۾ فتحن ۽ رياست تي قبضي بعد سرحدون قائم ٿينديون هيون. جاگيرداري دؤر ۾ نه ته قوم ۽ قومي علائقي جو وجود هو ۽ نه ڪنهن ملڪ جو جاگيردارانا استحصال، رياست ۽ سلطنت جو مقصد هو. حاڪم خود هڪ جاگيردار ۽ هٿ هيٺ جاگيردارن جو سربراهه هو. ان زماني ۾ ڪا مستقل فوج نه هوندي هئي ۽ نه صحيح معنيٰ ۾ رياست جا ٻيا ادارا جديد طرز مطابق قائم هئا. ظاهر آهي ته ان وقت ملڪ جي وحدت ۽ سالميت جو ڪو تصور نه هو، پر مختلف شڪلين ۽ صورتن ۾ پنهنجن اختلافن ۽ ڇڪتاڻ جي باوجود هر جاگيرداري رياست هارين تي جاگيردار طبقي جي جهڪيل آمريت هئي.

جاگيرداري دؤر ڪان پوءِ سرمائيدار رياستون وجود ۾ آيون، جيڪي پوءِ ترقي ڪري سامراجي رياستون بڻجي ويون. سرمائيدارن سڀني ڪان پهرين قوم ۽ قومي رياست جي تصور ڪان واقف ڪرايو. هنن عهد وسطيٰ جون ننڍين ننڍين جاگيرداري رياستن ۽ قومي گروهن کي متحد ڪري هنن کي قوم ۽ هڪ ملڪ جي شڪل ۾ منظم ڪيو. هي قومي رياستون وڏ ۾ وڏ مرڪزي حيثيت رکنديون هيون ۽ ننڍين ننڍين قوميتن ۽ جاگيرداري رياستن کي ڪچلي ڇڏينديون هيون. جاگيرداري ۽ غلامي جي دؤر جي رياستن وانگر سرمائيدارانا رياست به سرمائيدارن جي آمريت آهي، جيڪا سرمائيدارانا ملڪيت کي گڏ ڪري ۽ منظم ڪري سرمائيدارانا پيداواري وسيلا ۽ سرمائيدارانا ناتا قائم ڪرڻ ۾ مدد ڏيئي ٿي ته جيئن مزور طبقي جو استحصال پوري طرح ڪري سگهجي.

**رياست جو اصل ڪردار**: مٿئين لکت مان ظاهر ٿي وڃي ٿو ته رياست جو وجود طبقاتي دشمني جي وجود سان ٻڌل آهي ۽ هي ته رياست استحصال ڪندڙ طبقي جي مرضيءَ مطابق استحصال ٿيندڙ طبقي تي زبردستي مڙهڻ جو طريقو آهي ته جيئن سرمائيدارانا سماجي ۽ معاشي نظام کي هوبهو زبردستي قائم رکيو وڃي. (جبر بنا ان جي خلاف بغاوت ٿيندي). ان ڪري هن وٽ تشدد جا خاص ادارا ٿين ٿا. مثلاً فوج، نوڪر شاهي عدالتون وغيره جن جو مقصد هڪ ئي هوندو آهي ته مظلوم ۽ استحصال ٿيندڙ عوام کي ڪچليو وڃي. سرمائيدارانا رياست

۾ مزدورن جي زائد قدر سان جيڪي مالياتي قدم ۽ بجيٽ جي هيرڦير سان حاصل ٿئي ٿي رياست جي ان مان مفت خور رياستي مشنري جو خرچ پورو ڪيو وڃي ٿو. ان طرح رياست جو صحيح ڪردار هي آهي ته غالب ۽ حڪمران طبقي جي هٿن ۾ محڪوم طبقي ڪي دٻائڻ لاءِ هڪ هٿيار آهي. جيتوڻيڪ ٻاهرين ڏيک ۾ رياست طبقن کان مٿي هوندي آهي، پر اهو نج طبقاتي ادارو آهي، ايستائين جو بهترين سرمائيدارانا جمهوريت اصل ۾ سرمائيدارن جي آمريت کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه آهي ۽ ان جا سڀ ادارا تشدد جا هٿيار يا اوزار آهن.

رياست صرف سرمائيدارن جو سياسي ۽ نظرياتي ئي ادارو نه آهي، پر هنن جي مفاد لاءِ هڪ اقتصادي قوت به آهي، ڇاڪاڻ ته رياست مجموعي طرح پيداوار تي قبضو رکندڙ طبقي جي اقتصادي ضرورتن جو هڪ آئينو آهي. ڪڏهن ڪڏهن سرمائيدار حڪومتون جيڪڏهن ظاهر ۾ غير جانبداريءَ جو روپ ڌارين ٿيون ۽ اڪثر انفرادي طور سرمائيدارن خلاف قدم کڻن ٿيون ته ان جو سبب صرف هي آهي ته رياست پوري طبقي جي مفاد جو تحفظ ڪري ٿي. انفرادي سرمائيدارن جي مفاد جو نه. ان لاءِ ڪڏهن ڪڏهن هن کي پوري طبقي جي مفاد خاطر انفرادي طور تي ڪنهن نه ڪنهن سرمائيدار خلاف ڪو قدم کڻڻو پوي ٿو. ”رياست اُها شڪل آهي جنهن ذريعي حڪمران طبقي جا انفرادي رڪن پنهنجي مشترڪ مفاد جي حفاظت ڪن ٿا.“ (مارڪس – اينگلز – جرمن نظريو).

**رياست جو مستقبل:** جيئن ته رياستي ظلم جو هڪ وسيلو آهي، ان لاءِ هن جو وجود به طبقن جي وجود تائين محدود آهي. هڪ پيرو معاشرو غير طبقاتي ٿي وڃي ۽ عوام هڪ ئي سطح تي اچي وڃن ۽ هڪجهڙا ۽ هڪ ٻئي جي برابر ٿي وڃن ته رياست هڪ غير ضروري مٿاهين ڍانچي جي حيثيت سان ختم ٿي ويندي. پر ڪهڙي نموني؟ ڇا رياست مزور طبقي جي اقتدار حاصل ڪرڻ جي فوري بعد ختم ٿي ويندي؟ نه، نه، ان لاءِ سرمائيداري ۽ سوشلزم وچ ۾ هڪ عبوري دور هوندو آهي، جنهن ۾ معاشي ۽ تهذيبي طور تي سرمائيداري ختم ڪري ڇڏبي آهي ۽ سرمائيدارانا سماجي ناتن جو سوشلسٽ پيداواري طريقي ۾

تبديل ٿيڻ جو عمل جاري رهندو آهي. جنهن وقت نظم و ضبط، ڪنٽرول ۽ حساب ڪتاب ذريعي عوام سماجي طرز عمل جي بنيادي قانونن ڪان واقف ٿيو وڃن ان وقت هي عبوري دور ختم ٿي ويندو آهي. ان عبوري دور جو هڪ سياسي روپ بہ آهي ۽ اُهو آهي پرولتاريہ جي آمريت- ان عبوري دور ۾ جدوجهد وڌيڪ تيز ۽ تکي ٿي ويندي آهي ۽ رياست پنهنجو سختي وارو ڪردار اجا بہ سختي سان ادا ڪندي آهي. پر ان سان گڏوگڏ هي نہ وسارڻ گهرجي تہ پرولتاريہ جي آمريت جنهن ذريعي مزور هڪ حڪمران طبقي جي حيثيت ۾ ٿئي ٿو، اها تاريخ ۾ عظيم ترين جمهوريت آهي. ڇاڪاڻ تہ هي حڪومت هڪ عظيم اڪثريت جي هڪ رواجي اقليت تي ۽ لکن ڪروڙن مظلومن جي آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ظالمن تي ۽ ان جي خلاف آهي. جڏهن سماج طبقاتي مخالفت ڪان پاڪ ٿيو وڃي ۽ ڪنهن رياست جهڙي جبر جي هٿيار جي ضرورت نٿي رهي تہ رياست پيداواري اوزارن تي نجي ملڪيت وانگر ڪومائجي فنا ٿيو وڃي ۽ طبقاتي آمريت جو هميشه لاءِ خاتمو ٿيو وڃي.

**پرولتاري آمريت جون شڪليون:** لينن چيو آهي تہ ”سرمائيداريءَ جو سوشلزم ۾ تبديل ٿي وڃڻ هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو رنگارنگ قسم جي سياسي شڪلين کي جنم ڏيئي ٿو، پر ان جو اصل سدائين هڪجهڙو هوندو يعني پرولتاريہ جي آمريت.“ ان قول مان ظاهر ٿيو تہ سرمائيداري ۽ سوشلزم جو درمياني دؤر (عبوري دؤر) مختلف روپ ۽ شڪليون رکي ٿو. ان بابت ڪو هڪ فارمولا نہ آهي، پر پرولتاري آمريت جي سياسي شڪل هر ملڪ ۾ هتي جي ٺوس سماجي ۽ اقتصادي بنيادن ۽ مزور طبقي جي شعور ۽ تنظيم تي ٻڌل آهي. مثلاً ان جي هڪ صورت ’پيرس ڪميون‘ هئي. ٻي روس جي ’سوويت‘، ٽين مشرقي يورپ جون جمهوريتون هيون ۽ ايشيا جي پوئتي پيل ملڪن جهڙوڪ منگوليا ۽ برما ۾ ان جي نت نئين شڪل هئي. اجا بہ هن جي شڪلين جي ڇڪتاڻ جاري آهي. ان ڪري اهو بہ ممڪن آهي تہ هي عبوري ۽ عارضي دور پرامن ۽ پارليامينٽري طريقن سان طي ڪيو وڃي، جيتوڻيڪ ان جا امڪان تمام گهٽ آهن. ڪم از ڪم ايشيا، آفريقا ۽ لاطيني آمريڪا جي پس مانده ۽ سامراج زده ملڪن ۾ تہ

هن جو امڪان اجا بہ گهٽ آهي (چلي جو مثال سامهون رکو) بهرحال ان معاملي ۾ انڌي تقليد، انفراديت يا لڪير جو فقير ٿيڻ سان ڪم نہ هلندو.

انقلاب ڪان پوءِ پراڻي رياستي مشنري جي ڀڃ ڊاهہ

مارڪس ۽ اينگلز اسان کي ٻڌايو آهي تہ سوشلسٽ انقلاب ۾ اقتدار حاصل ٿيڻ بعد مزدور طبقي کي پراڻي رياستي ڍانچي کي ڊاهڻو پوندو. هي بلڪل صحيح آهي، پر هن جو هي مطلب نہ آهي تہ سرمائيدارانا رياست جي هر جزي ۽ هر اداري کي ٽوڙڻ ضروري آهي. اصل ۾ پراڻي رياست جي ڪجهہ واڌو (مثبت) عنصرن مثلاً بئنڪاري، اڪائونٽنگ، ٽرانسپورٽ وغيره کي قائم رکڻ ضروري ٿيندو، بشرطيڪ ان ۾ نئين مزدور اقتدار جو عنصر داخل ڪري ڇڏجي. سوشلزم، ماضيءَ جي هر شيءِ کي فنا نٿي ڪري، پر ان جي مفيد ۽ مثبت عنصرن کي قائم ۽ باقي رکي ٿو. ڪيترن حالتن ۾ سرمائيدارانا پارليامينٽري نظام کي اشتراڪي تبديلين کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. هي سڀ ڪجهہ طبقاتي قوتن جي توازن، مزدور طبقي جي طاقت ۽ ٻين انقلابي جمهوري طبقن جي مدد ۽ سهڪار ۽ سات حاصل ڪرڻ جي صلاحيت ۽ آخر ۾ مزدور طبقي جي جاري رهڻ واري طبقاتي جدوجهد تي ٻڌل آهي.

# مزور طبقي جي تنظيم ۽ شعور

سرمائيداري جي ستايل طبقن ۾ مزور طبقو جيڪو سرمائيدارانا اجرتي غلامي جي نظام جي سنئون سڌي پيداوار آهي، اڪيلو اُهو طبقو آهي جيڪو سرمائيدارانا استحصال کي ختم ڪرڻ ۾ سڀني کان وڌيڪ دلچسپي رکي ٿو. جيتوڻيڪ هاري ۽ ٻيا محنت ڪش ۽ ننڍو سرمائيدار بہ سرمائيداري نظام جي هٿن ۾ مظلوم آهن، تاهم مزور طبقو ئي سرمائيدارن سان سنئون سڌو ويڙهہ ۽ ٽڪر ۾ اچي ٿو ۽ ان لاءِ سرمائيداري نظام تي آخري حملو ڪندڙ طاقتن جي رهنمائي لاءِ هو سڀني کان وڌيڪ موزون آهي. ٻين لفظن ۾ مزور طبقو آخر وقت تائين سڀ کان وڌيڪ هوشياري ۽ بنا ٻڌتر جي انقلابي رهي ٿو ڇاڪاڻ جو:

(1) مزور طبقو سرمائيدارانا پيداواري طريقي سان سنئون سڌو وابستہ آهي.

(2) پيداواري عمل سماجي ۽ اجتماعي آهي، ان ڪري پيداڪار يعني مزور اجتماعي طور ڪثير تعداد ۾ ڪارخانن، ڪاٽين ۽ ٻين پيدا ڪندڙ مرڪزن ۾ گڏ ٿين ٿا. ان لاءِ هو پنهنجي ڪم جي طريقي ۽ پنهنجي پيداواري ڪردار جي ڪري ٻين طبقن جي نسبت وڌيڪ متحد ٿين ٿا.

(3) مزور طبقي وٽ نہ ڪو پيداواري وسيلا ٿين ٿا ۽ نہ ڪا ٻي ملڪيت. ان وٽ پنهنجي محنت جي قوت کان سواءِ وڪڻڻ لاءِ ٻيو ڪجهہ نٿو ٿئي. ۽ ان ڪري سرمائيدارانا نظام ۾ هن جا ڪي خاص مفاد نٿا ٿين. مارڪس ۽ اينگلز جي لفظن ۾ ”هنن وٽ وڃائڻ لاءِ زنجيرن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ناهي ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ پوري دنيا پئي آهي.“

پر مزور طبقو ان وقت تائين پنهنجي انقلابي لڙائي نٿو وڙهي سگهي جيستائين هو هڪ مٿاهين ۽ مضبوط تنظيم ۽ شعور سان مسلح نہ هجي ۽ خاص ڪري سرمائيداري جهڙي منظم ۽ ظلمن ڀريل نظام خلاف جنهن وٽ هڪ باصلاحيت رياستي مشنري بہ موجود آهي.

## مزور طبقي جو شعور

لازمي ڳالهه آهي ته اُهو طبقو جنهن کي هڪ اهم انقلابي ڪم سونپيو ويو هجي، چڱي طرح سمجهي سگهي ته هن کي ڇا ڪرڻو آهي ۽ هو ڇا ڪري پيو ۽ هي ته تاريخ هن کي ڪهڙو ڪردار ڏنو آهي؟ انهيءَ سمجهه کي مزور طبقي جو شعور چون ٿا. ان شعور جا ٽي قسم آهن:

(الف) ٽريڊ يونين: روزمره جي حالتن جو شعور- يعني- اقتصادي شعور.

(ب) ٽريڊ يونين جي سياست جو شعور: سياسي شعور.

(ج) اشتراڪي شعور: نظرياتي شعور.

ٽريڊ يونين شعور ۽ ٽريڊ يونين مان پيدا ٿيندڙ سياسي شعور مزور طبقي کي پنهنجي روزاتي تجربي سان حاصل ٿي سگهي ٿو، پر اشتراڪي شعور، مزور طبقي ۾ ٻاهران يعني سرمائيدار، ننڍي سرمائيدار ۽ دانشورن ذريعي اچي ٿو. مزور پاڻ مرادو ڏاڍي مشڪل سان حاصل ڪري سگهي ٿو. ان لاءِ سرمائيداري ۽ سرمائيدارن جا چاڙتا نظريا چئني پاسي ڦهليل ٿين ٿا ۽ نهايت آسانيءَ سان مزور طبقي اندر داخل ٿي وڃن ٿا. ان لاءِ خودڪاري ۽ معاشيت يا اقتصاديت (Economism) مزور طبقي جي حقيقي شعور جون بدترين دشمن ٿين ٿيون.

جيتوڻيڪ ٽريڊ يونين شعور به مزور طبقي جي ذهني نشوونما ۾ اڳتي قدم آهي، ڇاڪاڻ ته ان سان مزور طبقو پنهنجن باهمي مقابلن ۽ پنهنجي مخالفانه ٽڪرات کان جماعت سازي ذريعي نجات حاصل ڪري ٿو، پر هي ارتقا ٽريڊ يونين ۾ سياسي شعور سان گڏوگڏ عام طور تي مزور طبقي ۾ خود بخود پيدا ٿيو وڃي، جڏهن اشتراڪي شعور خودبخود وجود ۾ نٿو اچي سگهي.

**پروپيگنڊا ۽ ايجي ٽيشن:** مزور طبقي ۾ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ ٻه طريقا آهن:

(1) ايجي ٽيشن ۽ (2) پروپيگنڊا.

ڪنهن هڪ مسئلي تي هڪ اڪيلو خيال پيش ڪرڻ ايجي ٽيشن آهي جڏهن ان مسئلي تي سيني خيالن کي پيش ڪرڻ پروپيگنڊا آهي. ايجي ٽيشن ڪنهن

معاملي ڪي صرف معمولي اقتصادي ۽ سياسي اقتصادي (اقتصاديات مان پيدا ٿيندڙ سياست) پهلوئن ڪي گهيري ٿو جڏهن پروپيگنڊا ان معاملي جي سيني پهلوئن تي ڇانيل هوندو آهي پوءِ توڙي فوري نوعيت جا هجن يا تفصيلي ۽ دور رس قسم جا. واضح رهي تہ ڪنهن عمل جي پڪار، ايجي ٽيشن ۽ پروپيگنڊا ٻنهي کان جدا شيءِ آهي.

ايجي ٽيشن ۽ پروپيگنڊا ٻئي مزور طبقي جي نظرياتي تعليم ۽ هنن جي اشتراڪي شعور جي وڌائڻ لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجن. جنهن سان هو صرف فوري نوعيت وارن ڪارخاني جي مسئلن جو مطالعو نہ ڪن پر اهو بہ سمجهن تہ جدلياتي طور تي سرمائيدارانا حڪومت هٿان متاثر ٿيندڙ سيني طبقن جو ڪردار ۽ ان جو درجو ڇا آهي. ظاهر آهي تہ مزور طبقي لاءِ صرف اقتصادي سياست ڪافي نہ آهي، پر هن کي اشتراڪي سياست جو ڏانءُ بہ هئڻ گهرجي ۽ اها ڪرڻ گهرجي.

## مزور طبقي جي تنظيم

مزور طبقي جون تنظيمون ٻن قسمن جون ٿين ٿيون.

(1) ٽريڊ يونين، ڪوآپريٽو سوسائٽيون ۽ اهڙي قسم جون ٻيون عوامي انجمنون.

(2) پارٽي.

## ٽريڊ يونين

ڪنهن صنعت ۾ ڪم ڪندڙ مزورن جي وسيع ترين عوامي تنظيم ٿئي ٿي. هن جون خصوصيتون هيٺيون آهن:

(1) هن جي ترڪيب عوامي ۽ وسيع ٿئي ٿي. هن ۾ انتهائي پس مانده مزور بہ شامل ٿي سگهن ٿا، جيڪڏهن هن کي مزورن جي تنظيمي ضرورت جو شعور ۽ احساس آهي.

(2) هن جي ڪم جو طريقو جمهوري ٿيڻ گهرجي يعني هن ۾ عوام آڏو جواب ڏيڻ ۽ اڪثريتي فيصلي جو ڍنگ ۽ ڏانءُ هئڻ گهرجي. ڪنهن به اهم مسئلي تي هي جائز نه آهي ته، ٽريڊ يونين جي ادارن يا انهن جي عام ميمبرن ڪي وساري ڇڏجي. ان جو هي مطلب نه آهي ته ٽريڊ يونين تحريڪ ۾ پس ماندگي، اقتصاديات يا خود ڪاري ڪي ڪم ۾ نه آندو وڃي، پر هي هئڻ گهرجي ته مزور انجمنن ۾ سوشلسٽ قيادت جمهوري طور تي انجمن جي سوشلسٽ باشعور ۽ نظم و ضبط جي پابند عهديدارن ۽ ڪارڪنن ذريعي سياسي رهنمائي جو فرض ادا ڪري، پر ڪنهن به حالت ۾ ٽريڊ يونين تنظيم ۾ جمهوريت ۽ عوامي ڪردار جي اصول جي خلاف ورزي نه ڪرڻ گهرجي.

ٽريڊ يونين جا مقصد گهڻو ڪري سڌارا آڻڻ آهي. جنهن لاءِ ٽريڊ يونين جدوجهد ڪئي وڃي ٿي. هي سڌارا اقتصادي به ٿين ٿا ۽ سياسي به مثلاً اجوري ۾ واڌارو، ڪم جي ڪلاڪن ۾ ۽ محنت جي شدت ۾ ڪمي، بيروزگاري ۽ ڇانٽي جو خاتمو ۽ انهن سازي جو حق مڃائڻ. ان قسم جي اقتصادي ۽ صنعتي مسئلن ڪان سواءِ وقت جي سياسي مسئلن تي به ٽريڊ يونين ڪي ڇرپر ۾ آندو وڃي ٿو. مثال طور سياسي همدردانه هڙتالون، مظاهرا ۽ احتجاج وغيره.

## ٽريڊ يونين ۾ اقتصادي انحراف (Economism):

مزدور طبقي جي جدوجهد ۾ اقتصادي انحراف صنعتي جدوجهد ڪي صرف ڪارخاني جي مسئلن تائين محدود ڪرڻ سان هميشه پاسو ڪرڻ گهرجي. مزورن ۾ سياسي شعور پيدا ڪرڻ نهايت ضروري آهي ۽ سياست به صرف ٽريڊ يونين سياست نه، پر سوشلزم نظرياتي شعور مزدور عوام ۾ ڦهلائڻ ضروري آهي.

ليڪن ان عمل ۾ هڪ احتياط ضروري آهي. اُهو هي آهي ته مزورن ۾ تمام اوچي سطح ڪان گفتگو ڪرڻ صحيح نه آهي. ٽريڊ يونين پليٽ فارم ڪان اصطلاح بازي (نعره بازي) ۽ ٻٽاڪ نه ٿيڻ گهرجي ۽ نه عوام جي تجربي ڪان مٿي ڪو پروپيگنڊا ڪرڻ گهرجي. مزدور انجمنون سياسي ليڪچرن جا ادارا نه آهن، پر اهي سوشلزم جا اسڪول آهن، جتي عمل نظريي تي فوقيت رکي ٿو.

ان لاءِ نظريو هميشه عام مزدور طبقي جي جدوجهد، ان جي انقلابي تجربي جي روشني ۾ ۽ ان جي سياسي شعور جي سطح تي بدل هئڻ گهرجي.
نوٽ: هي اصول انهن سڀني عوامي تنظيمن تي لاڳو ٿين ٿا، جن جي قيادت سوشلسٽ ڪن ٿا.

## پارٽي:

مزدور طبقي جي طبقاتي جدوجهد جي رهنمائي ڪرڻ، ان جو راهه ڳولهڻ ۽ مزدور طبقي ۾ سوشلسٽ شعور آڻڻ لاءِ هڪ خاص قسم جي تنظيم جي ضرورت آهي. هڪ اهڙي تنظيم جنهن ۾ سڪيا ورتل، بي خوف ۽ بهادر، فولادي، پڙهيل لکيل ۽ سلجهيل پيشه ور انقلابي شامل هجن، ڇاڪاڻ ته انقلاب هڪ فن به آهي ته سائنس به. ان ڪري انقلابي عمل ۽ قيادت نه خودڪارانه ٿي ۽ نه عطائي.
ڇا ٽريڊ يونين تنظيمون ان قسم جي تنظيم جو مقصد پورو ڪري سگهن ٿيون؟ نه ڇاڪاڻ ته هن قسم جي انقلابي پيشيورانه تنظيم جي رڪنيت ۾ مزدور طبقي جو سڀ کان اڳتي وڌيل عنصر هئڻ گهرجي، اهڙا دانشور ۽ اهل فڪر (سوچ رکندڙ) جيڪي سڀ کان وڌيڪ اڳتي وڌيل نظريي سان ٽمٽار هجن ۽ ايترا سڪيا ورتل ۽ سرت سمجهه وارا ۽ تجربي ڪار هجن جو تشدد جي باوجود سوشلسٽ قيات جي تسلسل کي قائم رکن. هو ايترا فولادي ۽ مضبوط هجن جو هر قسم جي حملن جو مقابلو ڪري سگهن ۽ مڪمل طرح تعليم يافته هجن جو مزدور طبقي جي اقتصادي جدوجهد جو رخ هڪ اهڙي انقلابي طبقاتي جدوجهد ڏانهن موڙي سگهن، جنهن جي ذريعي سرمائيداري نظام کي ختم ڪري سگهجي ۽ ان جي جاءِ تي سوشلسٽ نظام قائم ڪري سگهجي.
ان قسم جي پارٽي ظاهر آهي ته ٽريڊ يونين کان الڳ هئڻ گهرجي، پر ان کي مضبوطيءَ سان ٽريڊ يونين ۽ ٻين عوامي تنظيمن سان ڳنڍيل هئڻ گهرجي.

## پارٽيءَ جو ڪردار ۽ خصوصيتون:

(1) پارٽي مزور طبقي جو هراول دستو آهي يعني پارٽي ڪي مزور طبقي جو رهنما بڻجي انهن جي سيني ڪان وڌيڪ باشعور عنصرن جي قيادت ڪرڻ گهرجي. هراول دستي بنا مزور طبقو هڪ باشعور طبقاتي جدوجهد ڪان محروم ٿي ويندو ۽ اقتصادي انحراف ۽ پڻ محدود قسم جي صنعتي ۽ ڪارخاني جي سرگرمين ۾ ڦاٿل رهندو. هو سوشلسٽ نظريي ڪان محروم ٿي ڪمزور رهندو ۽ هن جي جدوجهد بنا ڪنهن واضح رخ ۽ بامعنيٰ مقصد رهجي ويندي.

اهڙيءَ طرح جيڪڏهن پارٽي محض هر اول دستو بڻجي عوام ڪان ڪٽجي وڃي ۽ ان جو ڪوبہ لاڳاپو عوام جي انقلابي جوش ۽ خارجي بي چيني سان نہ هجي تہ ان جو هر اولي عمل وقت ڪان اڳ، بي وقتائتو ۽ غير اثرائتو هوندو. هر اول دستو يعني پارٽي ڪي مستقل مزاج ۽ صابر ٿيڻ گهرجي ۽ ان وقت ئي عمل ۾ ٿيڻ گهرجي جڏهن منڍ واري ۽ تيار ڪندڙ عمل ڪنهن حد تائين گڏ ٿي چڪا هجن. ان جو هي مطلب نہ آهي تہ پارٽي عوام ڪان پٺتي رهجي وڃي ۽ جڏهن عوام پوري طرح انقلابي جوش ۾ هجي تہ ان وقت بڏتر ۽ پس و پيش ۾ رهجي وڃي. پهرين قسم جي انحراف ڪي اسان مهم پسندي ۽ پيٺي بورزوا انقلاب پسندي چئون ٿا ۽ ٻي بزدلي، سمجهوتي پرستي ۽ اصلاح پسندي سمجهون ٿا.

پارٽيءَ ڪي سدائين ان ڳالهہ جو خيال رکڻ گهرجي تہ هو پنهنجي قيادت جي ڪهار ڪان ڪڏهن بہ دشمني پٺتي نہ هٽي ۽ نہ انڌن وانگر عوام جي پيروي نہ ڪري، چاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان ٻين پنيان هلڻ ٿيندو ان لاءِ اصول هي آهي تہ عوام سان گڏ، پر عوام اڳيان.

(2) پارٽي ۾ سخت ترين پرولتاري نظم و ضبط هئڻ گهرجي. پنهنجي ڪم جي طريقي سان ئي مزدور طبقو نظم و ضبط، پاڻ ۾ ڳانڍاپي ۽ مرڪزيت جو عادي ٿئي ٿو. ان جي ابتڙ ننڍو سرمائيدار سدائين انفراديت جو شڪار ٿئي ٿو ۽ نظم و ضبط ڪان خالي ۽ بيزار هوندو آهي، پر مزدور طبقي جي قيادت انتهائي سخت نظم و ضبط بنا ممڪن نہ آهي، ورنہ پارٽي غير نظام ۽ ڇڙوڇڙ

ميڙ جي شڪل اختيار ڪندي جيڪا هڪ مضبوط ۽ منظم ٽيم وانگر ڪم نہ ڪري سگهندي ۽ نہ وري پنهنجا رهبري وارا فرض پورا ڪري سگهندي.

(3) پارٽي وٽ سيني کان وڌيڪ اڳتي وڌيل (Advance) نظريو هئڻ گهرجي جيڪڏهن پارٽي دوربيني ۽ پيش بيني جي گڻ کان خالي آهي ۽ نظرياتي طور پس مانده آهي تہ يقيناً هو مزدور طبقي جي هر اول دستي جو ڪردار پوري ڪرڻ بدران سرمائيدارانہ سياست جو تنبو ڪٽندڙ ٽولو ٿي ويندي.

(4) پارٽيءَ کي سدائين، مسلسل ۽ ناقابل شڪست طور تي عوام سان ڳنڍيل ۽ جڙيل هئڻ گهرجي. عوام کان ڪٽجي پارٽي فقط هڪ گروهہ بڻجي ويندي، جنهن جو ڪو اثر ڪردار نہ هوندو.

(5) پارٽي جو اندريون اتحاد مڪمل ۽ مضبوط هئڻ گهرجي. هڪ واحد طبقاتي اداري جي حيثيت سان پارٽي جي جوڙجڪ ان نموني ٿيڻ گهرجي جڻ تہ هو هڪ پٿر جي نهيل آهي. ظاهر آهي تہ ان قسم جي پارٽيءَ ۾ گروپ بندي ڌڙيڙ يا سازشي سياست جي ڪابہ جاءِ نہ آهي.

(6) سرمائيداري ۽ جاگيرداري ماحول ۾ قاتل پارٽي هميشه ان خطري ۾ رهي ٿي تہ مزدور طبقي جا دشمن ۽ ننڍا سرمائيدار يا هنن جهڙا پارٽيءَ ۾ گهڙي نہ اچن ۽ پارٽي ۾ اختلاف، بدنظمي ۽ بي راهہ روي پيدا ڪن ۽ ان جي طبقاتي ڪردار کي ڪمزور ڪن. ان لاءِ پارٽي کي هميشه اهڙن ماڻهن ۽ لاڙن. ان کان هوشيار رهڻ گهرجي ۽ هميشه ان قسم جي غير طبقاتي ان ماڻهن کي پارٽيءَ مان خارج ڪندو رهڻ گهرجي. ”پارٽي پنهنجي صفائي سان وڌيڪ طاقتور ٿئي ٿي.“ (لينن)

(7) پارٽي کي هميشه پنهنجي وقت جي مسئلن، خاص طور سيني طبقن ۽ عام ماڻهن کي متاثر ڪندڙ سياسي مسئلن ۾ مداخلت ڪرڻ گهرجي. هن جو مطلب آهي تہ مزور طبقو، سرمائيدارن ۽ آپيشاهي حڪومت طرفان صرف پنهنجي مٿان ٿيندڙ حملي خلاف نٿو وڙهي، پر هو سيني پيڙهيل عوام تي ٿيندڙ زيادتين خلاف احتجاج ۽ جدوجهد ڪندو آهي. ان لاءِ پارٽي کي سدائين سمورن طبقن جي ڪردار جو ۽ انهن جي مزاج ۽ طبيعت جو تجزيو ڪندو رهڻ

گهرجي ۽ انهن مان ڪنهن تي يا سيني تي جڏهن بہ ڪو تشدد يا جبر ٿئي تہ ان خلاف مزور طبقي کي اُپارڻ گهرجي.

**پارٽي جا قائدا ۽ ضابطا:** مٿين خصوصيتن مان ظاهر ٿيو تہ پارٽي هڪ قسم جي تنظيم آهي، جنهن کي هڪ تاريخي ڪردار ادا ڪرڻو آهي. ظاهر آهي تہ هي پارٽي سرمائيدارن يا ننڍن سرمائيدارن جي جماعتن وانگر نٿي ٿي سگهي. ڇاڪاڻ تہ هي پارٽيون ظاهري جمهوريت جي قاعدن جي لبادي ۾ پنهنجي حقيقت کي لڪايو وٺن تہ جيئن هو عوام کي دوکو ڏيئي سگهن ۽ پنهنجو ڪردار عوامي ثابت ڪري سگهن. حقيقت ۾ هر سرمائيدار پارٽي سرمائيدارن جي قيادت ۾ ٿئي ٿي، توڙي هن جي ترڪيب ۽ پروگرام ڪيڏو ئي جمهوري ۽ عوامي ڇو نہ هجي. اصليت ۾ هي هڪ اهڙو ادارو ٿئي ٿي جيڪا سرمائيدارن ۽ حڪمران طبقي جي مفاد جي ترجماني ڪري ٿي. سرمائيدارانہ تضاد جي آئيني داري طور تي هن ۾ سدائين گروهہ بنديون ۽ باهمي تفرقا ٿين ٿا.

مزور طبقي جي سياسي پارٽي هڪ پٿر وانگر اتحاد جو مظهر هئڻ گهرجي. ان سان گڏ ان ۾ مڪمل نظم و ضبط، مرڪزي رهنمائي ۽ جمهوري ڪردار هئڻ گهرجي. سڀ کان وڏي ڳالهہ هي آهي تہ هن ۾ تربيت يافتہ ۽ تجربي ڪار انقلابي هئڻ گهرجي، جيڪي ڳجهي (خفيہ) ڪم جا ماهر هجن ۽ پوليس ۽ جابرانہ حڪومت جي تشدد ڪندڙ قوتن ۽ ان جي ايجنٽن کان تحريڪ جو بچاءُ ڪري سگهن. اهڙي پارٽيءَ جا ضابطا جمهوري مرڪزيت جي اصول تي ٻڌل هوندا آهن.

**جمهوري مرڪزيت:** جمهوري مرڪزيت جو مطلب آهي مرڪزي هدايت ۽ ڪنٽرول ۽ ان سان گڏ عام ڪارڪنن جي پيش قدمي ۽ باهمي اعتماد ۽ اتحاد.

جمهوري مرڪزيت جا قاعدا هيٺيان آهن:

(1) سڀ هيٺيون ڪاميٽيون، اعليٰ ڪاميٽين اڳيان جوابده ۽ ان جي هٿ هيٺ هونديون.

(2) سڀ فيصلا پوري بحث مباحثي کان پوءِ ڪثرت راءِ سان ٿيندا ۽ فيصلي ٿيڻ بعد ٿورڙائي (اقليت) کي گهڻائي (اڪثريت) جي آڏو جهڪڻو پوندو. يعني اڪثريت جي فيصلي کي مڃڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻو ٿيندو.

(3) جڏهن ڪنهن پارٽي جي ڪميٽي ۾ ڪو فيصلو ورتو ويو هجي ته ان مسئلي تي بحث مباحثو ختم ٿي ويندو آهي ۽ هر فرد کي اڪثريت جي فيصلي تي عمل ڪرڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته پارٽي عمل ڪندڙ پارٽي آهي ۽ ڊبيٽنگ سوسائٽي نه آهي. هن ۾ اڻ ڪٿندڙ بحث مباحثي لاءِ ڪا جڳهه نه آهي.

(4) پارٽيءَ جي صفن ۾ سخت ترين نظم و ضبط جو هجڻ ضروري آهي. سارو بحث و مباحثو صرف پارٽيءَ جي ڪاميٽين اندر ئي ڪري سگهجي ٿو. فيصلن جي خلاف ورزي ۽ پارٽي جي صفن ۾ گروهه بندي پوءِ اُهي ذاتي هجن يا سياسي برداشت جي قابل نه آهن.

(5) پارٽيءَ جي هر ميمبر کي پارٽيءَ جي ڪنهن ايڪي (Unit) سان وابسته ٿي، چندو ادا ڪرڻ سان گڏ ڪنهن عملي سرگرمي ۾ حصو وٺڻ ضروري آهي. جيڪا پارٽيءَ جي رهنمائي ۾ هجي. ۽ صرف پارٽيءَ جي مول متن سان اتفاق ۽ چندي ڏيڻ سان ڪو شخص پارٽي ڪارڪن بڻجڻ جي لائق نٿو ٿي سگهي.

(6) پارٽيءَ جو سڀ کان اعليٰ ادارو ڪانگريس ٿئي ٿو ۽ ڪانگريس جي درميان مرڪزي ڪميٽي. ڪانگريس، پارٽيءَ جي سڀني هيٺين ڪاميٽين جي فيصلن کي رد ڪري سگهي ٿي.

(7) جيستائين ممڪن ٿئي پارٽي جا سڀ عهدا عام ميمبرن ۾ چونڊ ذريعي پرڻ گهرجن.

(8) طريقي ڪار جي سلسلي ۽ پهلوداري ذريعي هر دور ۾ پارٽي مرڪز جو سلسلو ۽ هيٺين ڪاميٽين سان سندس رابطو هئڻ ضروري آهي هي هڪ ليننسٽ پارٽي جي تنظيم جا چند اصول آهن، پر ان ڳالهه جو احتياط ضروري آهي ته مرڪزيت، آمريت يا نوڪر شاهي ۾ جمهوريت، نراج ۽ بي قاعدگي ۾ تبديل ٿي نه وڃي.

**منصوبو ۽ طريقي ڪار** (Strategy and Tactics):

مزدور طبقي جي جدوجهد، هڪ جنگ وانگر آهي، جنهن ۾ هن کي سيني جنگي اسڪيمن ۽ روزمره جي ننڍين جهڙپن جا طريقا طئي ڪرڻا پون ٿا. مزور طبقي کي هن جنگ ۾ پنهنجو خاص مقصد ۽ نشانو طئي ڪرڻو پوي ٿو ۽ ان سان گڏ درمياني ۽ فوري مرحلن جي لاءِ پنهنجي چرپر بابت سوچڻو پوي ٿو. هر دور مزور ۾ طبقي کي پنهنجو خاص نشانو يعني مقصد، پنهنجا خاص دشمن، پنهنجا دوست ۽ معمولي دوست ناهڻا پون ٿا. ان ڪوشش کي منصوبو(Strategy) چون ٿا. منصوبو پوري دور تي گهيرو ڪندڙ ٿئي ٿو، ان وقت تائين جيستائين خاص مقصد حاصل ٿي نه وڃي يعني جيستائين مزور طبقي جو بنيادي انقلابي ڪم پورو نه ٿي وڃي. مثال طور انقلاب جي قومي جمهوري مرحلي ۾ مزور طبقي جو منصوبو هن ريت ٿيندو:

+ خاص نشانو يا مقصد — سامراجي جاگيردارانہ نظام کي قومي جمهوري انقلاب ذريعي ختم ڪرڻ.

+ خاص دشمن — سامراج، جاگيردار ۽ دلال يا گماشتو سرمائيدار.

+ بنيادي دوست — هاري، شهري ۽ ڳوناڻا پورهيت عوام، وچولو طبقو(Middle Class)، دانشور.

+ معمولي دوست — قومي ۽ محب وطن سرمائيدار ۽ ننڍا زميندار.

پر انقلاب جي سوشلسٽ مرحلي ۾ هي منصوبو بدلجي وڃي ٿو ۽ ان سان گڏ مزور طبقي جو انقلابي مقصد ۽ مختلف عناصر جٿابندي بہ بدلجي وڃي ٿي.

طريقي ڪار اُهي اٽڪلون آهن جن ذريعي مزور طبقي ۽ محنت ڪشن کي روزمره جي مسئلن تي جزوي جدوجهد لاءِ اُڀاريو وڃي. طريقئہ ڪار، منصوبي جي مقصدن لاءِ تياري جا ڪم ٿين ٿا ۽ انهن جو مقصد هي هوندو آهي تہ مزور طبقي ۽ انقلابي عوام کي هن مقصد جي ويجهو آندو وڃي.

منصوبي جو واسطو جنگ سان آهي ۽ طريقئہ ڪار جو جهڙپن ۽ جهيڙن سان. طريقئہ ڪار هميشه جدلياتي هئڻ گهرجي يعني هي پارٽي جا اُهي ڪم آهن جنهن کي پارٽي جي نشوونما سان گڏ ترقي ڪرڻ گهرجي. طريقئہ ڪار جو

بنيادي مقصد هي آهي تہ سيني طبقن ۾ ۽ سيني مسئلن تي پنهنجي خاص دشمن جا عيب گناهہ ظاهر ڪيا وڃن ۽ ان ڪي ڏار ڪري ڇڏجي تہ جيئن آخري لڙائي لاءِ وڌ کان وڌ اتحادي ساٿي ۽ سنگتي ملي سگهن. طريقئہ ڪار ڪي واقعن جي هر موڙ تي بدلجي وڃڻ گهرجي، جڏهن پوري دور ۾ منصوبو نٿو بدلجي.

طريقئہ ڪار واقعن ۽ مسئلن جي زنجير ۾ ان ڪڙي تي گرفت (جهل) ڪرڻ جو نالو آهي، جنهن سان پوري زنجير هٿ ۾ اچي وڃي.

**(پورو ٿيو)**

پيشڪش ؛ آن لائين ڪتاب گهر

ترتيب ؛ قاسم سنڌي

نوٽ: (هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي ويب سائيٽ تان ڪٽي پي ڊي ايف جي صورت ۾ آڻي پڙهندڙن جي سهولت لاءِ رکيو ويو)

21/10/2013